# ڳائي پيو
# جاڳائي پيو

استاد بخاري



روشني

# ڳائي پيو
# جاڳائي پيو

شاعري

## استاد بخاري

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1999ع

www.sindhsalamat.com

Roshni Book No. 145

---

ڪتاب جو نالو: ڳائي پيو جاڳائي پيو
شاعر: استاد بخاري

ڇاپو پهريون: © روشني 1999ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو

# GAAE PIYO JAGAAE PIYO

(Sindhi Poetry)

by: **USTAD BUKHARI**

Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composer, Hyderabad
Printed by: Fine Communication Hyderabad.
Published by: Roshni Publication Kandiaro

1st Edition © Roshni 1999

www.sindhsalamat.com

# ٻه اکر

محترم علي نواز گهانگهرو چوندو آهي ته آءُ ادب جي ڪا خدمت ڪونه پيو ڪريان، اهو منهنجو ڪم آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اهو ڪم آهي ئي ادب جو. سندس اهو چوڻ صحيح به مڃجي، پر سندس ان ڪم سان سچائي ۽ محبت جو اسين قدر تا ڪريون. هن ڪان اسين بابا سائين جي ڪتابن جي سهڻي ڇپائي جي سلسلي ۾ گهڻو خوش آهيون. بابا هميشه ڪتابن جي سهڻي ڇپائي لاءِ تاڪيد ڪندو هو. آخري ڏينهن ۾ هن علي دوست کي به چيو ته، "علي دوست، منهنجا ڪتاب سهڻا ڇپرائجو، ڇو ته بخاري ڪوجهو شاعر ناهي."

روشني پبليڪيشن پاران گڏيل مجموعي "گلدستي ۾ گيت" کان علاوه بابا جو هيءُ اٺون ڪتاب آهي، جو اسان ۽ اوهان تائين سهڻي نموني سان ڇپجي پهتو آهي.

"ڳائي پيو جاڳائي پيو" عنوان ئي ٻُڌائي ٿو ته هي جاڳائڻ وارو ڪلام يعني قومي شاعري آهي. جيڪا ڳائجي چُڪي آهي ۽ ڳائجي پئي.

بابا سائينءَ سنڌ لاءِ لکيو ۽ سندس ادبي وارث به سنڌ آهي. سندس گيت اسان کي به وڻن ٿا. هنَ جو لکڻ، سوچڻ، جهُونگارڻ اڄ به هِنيانوَ تي هُري ۽ ڪَنن ۾ ٻُري رهيو آهي.

ٻُلصراطن ڪانپو جنّتون، مقتلن جي ٻُنيان منزلون،
ٿهڪ ٽُٽندا ٻَريان، پهريان هي ڏک ٽپو، ڪجهه ته اڳتي وڌو!

ڊاڪٽر الطاف بخاري
استاد بخاريءَ جو گهر- دادو.
16-1-1999

www.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

## انتساب

قومي شاعرن
قومي راڳين
جي نالي

استاد بخاري
12-5-1990

www.sindhsalamat.com

هونئن تہ مِتيءَ جي چپٽي آهيان،
جيئي سنڌ تہ ذرتي آهيان.

خاڪي، نوري، فاني، باقي،
سچ پچ ساٽي سيڪي آهيان.

عربي، عجمي آهيان ٿي پر،
روسي، هندي، چيني آهيان.

سڀ کان اڳ ۾ انسان اڳ تي،
سنڌي - سنڌي، سنڌي آهيان.

بوڙئي جهڙي منهنجي هستي،
سنڌو واري مستي آهيان.

www.sindhsalamat.com

سانگين سان گڏ سالگرهہ مان،
وچڙي ويس تہ پو ورسي آهيان.

تاريخ آهيان قومَ قويءَ جي،
نہ تہ مرقد جي تختي آهيان.

ڏيڍ ڏنگايون ڏاري ڇاڻان،
مظلومن جو مددي آهيان.

مِهر تہ مکڙي ماڪ- ڦڙا مان،
قَهر تہ ڪرندڙ بجلي آهيان.

جوت رتيءَ تي پريت پتنگو،
سنگ سڳنڌي، رنگي آهيان.

عشق ۽ عقل حقيقي ساٿي،
سونهن سچيءَ جو سنگتي آهيان.

اڄ جو پيار ملي پوءِ پيارا،
سولو ويندو سرچي آهيان.

آزادي استاد تنواريان،
ماڻهن جيءَ مان مرضي آهيان.

●

www.sindhsalamat.com

جيئي سنڌ جي ڌرتي جيئي!
تنهنجي منهنجي جيجي جيئي!

دل تہ ڳهري ٿي هر محفل ۾،
شاهہ سچل جي ٻولي جيئي!

تلسي، غالب، سعدي وانگي،
شاهہ سچل جي ٻولي جيئي.

سنڌ سپيتا محبت، محنت،
جٽ ڪٽ جرڪي مرڪي جيئي!

عربي، عجمي، هندي، سنڌي،
جڳ ۾ ڳڏجي سڏجي جيئي.

www.sindhsalamat.com

ساري جڳ جون سهڻيون جيئن،
سسئي، مومل، نوري جيئي!

ڪارو هجي يا گورو، ڳاڙهو،
سنڌين جو هر سنگتي جيئي.

سَچ - سِچ بنجي، ٻَل ٻِج بنجي،
بات بخاري تنهنجي جيئي!

●

www.sindhsalamat.com

هي ڌرتي سورهيہ سسئي آ،
هي ڌرتي نرمل نُوري آ.
هي ڌرتي ڏاڍي سُهڻي آ، مَن مُهڻي آ، ماشاءَ الله!

هن ڌرتيءَ جي غيرت تاتيون آزادي تحريڪون،
جڳ مڳ جڳ مڳ جرڪ جهان ۾ تابنده تاريخون.
هي ڌرتي جڳ ۾ جرڪي آ،
هي ڌرتي مُلڪين مهڪي آ.
هي ڌرتي ڏاڍي سُهڻي آ، مَن مُهڻي آ، ماشاءَ الله!

www.sindhsalamat.com

وڻ ٽڻ وايون، ڪٽڪ ڪهاڻيون، وونئڻ وڏا افسانا،
ساپيان گنج اکين جي آڏو، سهسين خواب سهانا،
هي ڌرتي روپي، سوني آ،
هي ڌرتي هيرا، موتي آ.
هي ڌرتي ڏادي سُهڻي آ، مَن مُهڻي آ، ماشاءَ الله!

جو سِنجريو سو سچّو سوديو، جو ساماڻو جوڙو،
هن ڌرتيءَ جو ٻچّو ٻچّو دولهه درِيا، دوڙو.
هي ڌرتي پنهنجي جيجي آ،
هي ڌرتي پنهنجي آمّي آ،
هي ڌرتي ڏادي سُهڻي آ، مَن مُهڻي آ، ماشاءَ الله!

محبت، محنت ساڻ سجايون، ساري يُونءِ بخاري،
جنّت بنجي جڳ ۾ جرڪي پنهنجي سنڌڙي پياري.
پنهنجي هِر شئي هِن جي آ،
موت حياتي جيڪي آ،
هي ڌرتي ڏادي سُهڻي آ، مَن مُهڻي آ، ماشاءَ الله!

●

www.sindhsalamat.com

تر ۾ واري اٿندي آ،
جر جي ڇولي ڇلندي آ،
ڳالهہ سگهاري سنڌو تنهنجي ڳلي ڳلي پئي هلندي آ.

باک ڦٽيءَ جو ماڪ منيءَ تي، پنڌ، گلن جون ٻاتيون،
ڪوئل بلبل، ڪٽڇون ڪن ٽيون لوءِ لوءِ تنهنجون لاتيون.
هيِر، ڪٿوري ڪٽندي آ،
گهر گهر ڏي پئي گهلندي آ.
ڳالهہ سگهاري سنڌو تنهنجي ڳلي ڳلي پئي هلندي آ.

www.sindhsalamat.com

چٺني پاسي ڪِنوٽيون چمڪن، جَلون جا جهلڪارا،
سارنگ تنهنجا ساز وڄن ٿا، واريءَ تي وسڪارا.
ڪٺ ڪٺ پَٽ تي پوندي آ،
گاج گجيو پئي گجندي آ.
ڳالهہ سگهاري سُنڌو تنهنجي ڳلي ڳلي پئي هلندي آ.

جاڳ تہ آهي ياڳ بخاري، جوڌن جِيئن جيان پيو،
بيٺن ڪان بندوقن تائين توکي ڏيڏ ڏيان پيو.
قوم سُتي پئي اٿندي آ،
وِڪَ وِڪَ اڳ تي وڌندي آ،
ڳالهہ سگهاري سنڌو تنهنجي ڳلي ڳلي پئي هلندي آ.

●

www.sindhsalamat.com

تون تہ منهنجي جندڙي آهين!
تون تہ منهنجي سڄڻي آهين!
تون تہ منهنجي سنڌڙي آهين!
تون تہ منهنجي سڀ ڪي آهين! منهنجو آ ايمان تنهنجي محبت،
ساهہ کي ويساهہ وڏو آ، جِيءَ جو جيئدان تنهنجي محبت.

نينهن نئين سيکاريو آهي هيءُ نئون دستور،
چنگ سان گڏ چاهہ تنهنجي ۾ چُري پيو چنجور،
روح جي پرپوز غذا ۽ پيٽ جو گذران، تنهنجي محبت.

دل ڪڏهن آهي ڪلفتن جو ڪنارو يار،
دل ڪڏهن جاني.اسان جي ڪاچو ۽ ڪهسار،
بعضي ٿڌڙيون ٿڌڙيون هيرون، بعضي آ طوفان، تنهنجي محبت.

پيار کان اڳ حال پنهنجو آهي مونکي ياد،
آءُ هڪڙو سست ماٺو هوس اڳي استاد.
جانثار انسانن جهڙو مونکي بخشيو مانُ، تنهنجي محبت.

•

www.sindhsalamat.com

اسان هُون سپاهِي، او پڻائي، تنهنجي سنڌ جا،
درازيءَ جي ديس جا، سنائيءَ جي سنڌ جا.

عزم عنايت سچّ سگهارو، برک بلاول، حيدر پيارو،
اِهي پيارا پيارا ماڻهو، پياري پياري سنڌ جا.

ڪوٽَ ڪنائي پورهيت جاڳيو، جرئت جاڳي، رَت سَت جاڳيو،
جاڳي پيا جيالا سارا، هاري ناري سنڌ جا.

ڌرتيءَ جايا ڳڌجي سڌجي، سچ جي سڌ تي پرچي سرچي،
جوڙيون پيا نِڪورا خاڪا، آجِي آجي سنڌ جا.

سورج وانگر چمڪي سنڌڙي، جُڳ جُڳ جڳ ۾ جيئي سنڌڙي،
هجن هر زبان تي نعرا، صبح، سانجهي سنڌ جا.

جنّت ڪاڇو ۽ ٿر آهي، ڪوٿر منڇر، ڪينجهر آهي،
وڻن ٿا نظارا ڏاڍا سُهڻي سهڻي سنڌ جا.

سنڌڙي جندڙي پياري پياري، عشق منجهان استاد بخاري،
ويٺا گيت ناهيون ۽ ڳايون، مِٺي پنهنجي سنڌ جا.

●

www.sindhsalamat.com

جيئي سنڌ جيئي!
ڀلي ڀلي جيئي!
جيئي سنڌ، جيئي ڀلي ڀلي جيئي!
تنهنجي منهنجي جند ڀلي جيئي!

جيئي پنهنجو پورهيو، جيئن هاري ناري،
جيئڻ لاءِ جاني، جنگ پنهنجي جاري.
جيئي سنڌ جيئي...

جيئي پڳڙ پانو، جيئي ٽِڪو ڏاتو،
اپيون ٻانهون، اوچو ڳاتو.
جيئي سنڌ جيئي...

www.sindhsalamat.com

جيئي سنڌي ماڻهو، جيئي سنڌي ٻولي،
جيئي سنڌو ساگر، جيئي چولي چولي،
جيئي سنڌ جيئي...

اهڙو ڳاءِ بخاري، ڪاٻو، ساچو جاڳي،
چپّو چَپّو جاڳي، ڪچو، ڪاچو جاڳي،
جيئي سنڌ جيئي...

●

www.sindhsalamat.com

ڄَلَ ٿَلَ جهولي، ڏونگر ڏولي،
اولوءِ لوئان لولي!
آمِرِ نہ ٻوليون ٻي ڪا ٻولي.

منڇر، ڪينجهر، سنڌو، ساگر،
گج گج لهرون، ڇم ڇم ڇولي.
اولوءِ لوئان لولي!
آمِر نہ ٻوليون ٻي ڪا ٻولي.

پَٽَ جو پَٽڪو، پَٽَ جي پوتي،
ڏَٽَ ڄو ڏولو، ڏٽ جي ڏولي،
اولوءِ لوئان لولي!
آمِر نہ ٻوليون ٻي ڪا ٻولي.

شهرن وارن سيني ساندي،
ڳوٺن ۾ ڳٺوانن ڳولي،
اولوءِ لوئان لولي!
آمِر نہ ٻوليون ٻي ڪا ٻولي.

پنهنجي ٻولي، ٻول ٻخاري،
سُهٽي سُرهي سچي سولي،
اولوءِ لوئان لولي!
آمِر نہ ٻوليون ٻي ڪا ٻولي.

●

www.sindhsalamat.com

سج، چنڊ چوان هيءَ ڌرتي،
رخ روشن سنڌالاجي،
فردوس نشان هيءَ ڌرتي،
گل، گلشن سنڌالاجي،
تنهنجو تَنُ، منهنجو مَنُ، تن، من، ڌن سنڌالاجي.

هِت وکر ونڊڻ وڻجارا، هي شاهه، سچل جي محفل،
هت جُهد جتن جهونجهارا، هي دريا، دودي جي دل،
هِت چمڪن چوڏس چارا، هي منزل تي ٻي منزل،
تاريخ روان هيءَ ڌرتي،
هر دور جوان هيءَ ڌرتي.
تنهنجو تَنُ، منهنجو مَنُ، تن، من، ڌن سنڌالاجي.

www.sindhsalamat.com

جئي، ويرو تار جئي، هي زندهہ ادارو سنڌ جو،
ڏئي ڏيهہ کي ذات ڏئي، هي ساهت ڌارو سنڌ جو،
ٽئي سَچ جو سِچّ ٽئي، هي صبح ستارو سنڌ جو،
ٽئي ڪاهڪشان هي ڌرتي،
ڏئي نُورَ نوان هي ڌرتي،
تنهنجو تَنُ، منهنجو مَنُ، تن، من، ڌن سنڌالاجي.

هي سِيمہ اسان جو سِرُ آ، هي سر جو سهارو آهي،
هي ديس اسان جي دِل آ، هي دلٰ جو دلارو آهي،
هي سنڌ اسانجي جند آ، هي جند اجارو آهي.
جند، جان مچان هي ڌرتي،
آهي منهنجي امان هي ڌرتي،
تنهنجو تَنُ، منهنجو مَنُ، تن، من، ڌن سنڌالاجي.

هِت تحريڪون، تاريخون، هت ڏُک سک سڀ سانڍياسين،
هِت تڪليفون، تفريحون، پئي جُهو مياسين، تڙپياسين،
هِت تور، تَڪون، تحقيقون، استاد ڪندا رهنداسين.
اظهار عيان هي ڌرتي،
اعلان نوان هي ڌرتي،
تنهنجو تَنُ، منهنجو مَنُ، تن، من، ڌن سنڌالاجي.

•

www.sindhsalamat.com

ڏاڍا اوڪا ويڙهه آهيون،
دريا خان ۽ دودا آهيون،
جوتي ڏيندا جهيڙا آهيون، ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون.

هوشو جيئرو جوش ڏئي ويو،
هيمون آجو هوش ڏئي ويو،
دَور نئين جا دودا آهيون، ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون.

اڳتي وڌندو، پرتي ڪِرندو،
دشمن ڇهندو، ڇهندي پرندو،
بجلي وارا جهٽڪا آهيون، ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون.

www.sindhsalamat.com

سورهن آنا سَچّ تہ آهيون،
شاهہ، سچل جو مَچّ تہ آهيون،
طوفانن ۾ پرندا آهيون، ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون.

ماضي جا مهمان نہ آهيون،
آئيندي جا اعلان آهيون،
تازا توانا تجلا آهيون، ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون.

تحريڪن جي طوفانن ۾،
آزاديءَ جي ايوانن ۾،
ڳاڙها جهندا ڦڙڪيا آهيون، ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون.

جرڪي جرڪي جيئندا آهيون،
مُرڪي مرڪي ملهندا آهيون،
جيئرا هاسين، جيئرا آهيون، ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون.

دلوارن لئہ موتئي تاري،
دوڏارن لئہ ڪات، ڪٽاري،
بلڪ بخاري، پالا آهيون، ڏاڍا اوکا ويڙها آهيون.

•

www.sindhsalamat.com

اسانجو الهندو، اسانجو ايرندو، پناڻيءَ جو روضو، پناڻيءَ جو روضو.

ڪچي ڪان پڪي تائين، اُپي ڪان لَمي تائين،
ڪراچيءَ ڪان ڪشمور مرڪز جو ٽُڪو، پناڻيءَ جو روضو، پناڻيءَ جو روضو.

هي جر ٿر جي جهولي، هي گهر گهر جي ٻولي،
اسانجي علحدي سَڃيتا جو جهنڊو، پناڻيءَ جو روضو، پناڻيءَ جو روضو.

www.sindhsalamat.com

آجائيءَ جي اجرڪ، سچائيءَ جو سندرو،
رَڻو ماروين جو، پهنوارن جو پَٽڪو، پٽائيءَ جو روضو، پٽائيءَ جو روضو.

صدين جو سهارو جڳن جو اجارو،
ٻُڌن جو اثاثو، جوانن جو ورثو، پٽائيءَ جو روضو، پٽائيءَ جو روضو.

عقيدو بخاري اِهو آ اسانجو،
محبت جو ڪعبو، حقيقت جو قبلو، پٽائيءَ جو روضو، پٽائيءَ جو روضو.

•

www.sindhsalamat.com

اباڻــن ۾ ڄايُــون، اباڻــن نِپايون،
پٽائيءَ جون وايون، پٽائيءَ جون وايون.

اسان جيڪي سوچون، اسان جيڪي لوچون،
اسين جيڪي ڳائون، اسان جيڪي پايون،
پٽائيءَ جون وايون...

ڪُڏا ڪوٽ ڪارا، عمر مِير وارا،
غريبن جون جايون، ڪکايون ڪنڌايون،
پٽائيءَ جون وايون...

www.sindhsalamat.com

وڏي واتِ واڪا، ڪنڌي مُنڌ ڪاڪا،
تَتَلَ ڏينهن تاپُون، تڏهن بي تواپون،
پڻائيءَ جون وايون...

جيئن نِجّ سچّ آ، اِيئن سِنڌ سَچّ آ،
سموريون سچايون، بخاري پلايون،
پڻائيءَ جون وايون...

●

www.sindhsalamat.com

# هيلوڪو وري آ

هيلوڪو وري آ، هيلوڪو وري آ!!

وري ٻات ۾ لاٺ،
اها لاٺ چمڪاٺ، پڙڪي ٻري آ، هيلوڪو وري آ!

وري آهَ ڀِٽ تي،
وري ٻاهه ڀٽ تي، ڀٽائي ڀري آ، هيلوڪو وري آ!

انهي گهوٽ جي ڪوٺ،
انهي گهوٽ جي چوٽ، ڏادي ڳري آ، هيلوڪو وري آ!

www.sindhsalamat.com

ڏسي ڪيت جي جيت،
ڏسي پريت جي جيت، جِيجَلَ نري آ، هيلوڪو وري آ!

لُڏي آهي سهٽي،
ٻُڏي ناهي سهٽي، تِڪي مان تري آ، هيلوڪو وري آ!

هڪڙو وَنيءَ تي،
ٻيو ٻنيءَ تي، وجبو مري آ، هيلوڪو وري آ!

تِڪو آءُ لڳو واءُ،
لڳو واءُ تڪو آءُ، دِلڙي پري آ، هيلوڪو وري آ!

وري اڪّ ساڳي،
استاد اسانجي، ڦڳڻ ۾ ڦري آ، هيلوڪو وري آ!

●

www.sindhsalamat.com

جيئي جيئي سدا جيئي سنڌڙي!
پلي کير، کنڊون پيئي سنڌڙي!
سَدا سُکي، آجِي ٿئي سنڌڙي!
سنڌڙي ڙي الا، جيڪا تنهنجي منهنجي جندڙي!

جهڙي چاندي چِٽي ٿهڙي سنڌڙي،
جهڙي ماکي مِٺي تهڙي سنڌڙي،
جهڙي ٻُڌي، ڏِٺي تهڙي سنڌڙي،
سنڌڙي ڙي الا، جيڪا تنهنجي منهنجي جندڙي!

www.sindhsalamat.com

جاتي ڪاڇو، ڪنڌي، اُها سنڌڙي،
جاتي سنڌو ندي، اها سنڌڙي،
جاتي ڪوسي، تڌي اها سنڌڙي،
سنڌڙي ڙي الا، جيڪا تنهنجي منهنجي جنڌڙي!

جاتي اوچا جبل، اها سنڌڙي،
جاتي شاهہ سچل اها سنڌڙي،
جاتي جوڌا اجهل اها سنڌڙي،
سنڌڙي ڙي الا، جيڪا تنهنجي منهنجي جنڌڙي!

اها موهين دڙي واري سنڌڙي،
اها دادو، ٺٽي واري سنڌڙي،
اها نالي وڏي واري سنڌڙي،
سنڌڙي ڙي الا، جيڪا تنهنجي منهنجي جنڌڙي!

جاتي جيجل جهولي، اها سنڌڙي!
جاتي آيل لولي، اها سنڌڙي!
جاتي سنڌي ٻولي، اها سنڌڙي!
سنڌڙي ڙي الا، جيڪا تنهنجي منهنجي جنڌڙي!

www.sindhsalamat.com

اها استاد اسان جي سنڌڙي،
اها شاگرد اوهان جي سنڌڙي،
اها جهوني، جوان جي سنڌڙي،
سنڌڙي ڙي الا، جيڪا تهنجي منهنجي جندڙي!

●

www.sindhsalamat.com

مونکي جيئري ئي پوربو ٿي ويو،
تنهنکري ٿي پَيُوت آهيان مان.
سنڌ شاهد - غيوّر سنڌين جي،
زندگيءَ جو ثبوت آهيان مان.

•

www.sindhsalamat.com

او ٻيلي، ٻَچايو مُنهنجي ٻولي!
او سِنڌي، ٻَچايو پنهنجي ٻولي!
جِيو، جياريو پنهنجي ٻولي!
مچو، مچايو، پنهنجي ٻولي!
او ٻيلي، ٻچايو...

ڪاچي، ٿر جي، لاڙ، اتر جي، او شهر شهر جي ٻولي،
او ٻيلي، ٻچايو...

www.sindhsalamat.com

کوري، ڪنيارجي، وادي، لوهار جي، او جوڌي، جهونجهار جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

ياڳوءَ يان جي، درياءَ خان جي، او امن امان جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

شاهہ، سچل جي، سامي، خمل جي، او علم، عمل جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

شيخ اياز جي، سراج، نياز جي، او رمز، راز جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

شوق، شمشير جي نُور، تنوير جي، او سوچ سُڌير جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

قُرب قليچ جي، منشي، سرويچ جي، ڪٽي ۽ ڪيچ جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

تاجل، آدل جي، سَرڪش، گُل جي، او، قَومَ ڪُل جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

نجم، جمال جي، تاج، جلال جي، او، قرب ڪمال جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

www.sindhsalamat.com

راشد، راز جي، ناز، شهباز جي، او، عامرَ آواز جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

سحر، امداد جي، شاد، ناشاد جي، او، داد، فرياد جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

باغي حليم جي، خاڪي، نديم جي، او، قومُ عظيم جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

طالب مولٰي جي، طارق، مرزا جي،
او ٻيلي، بچايو...

بَردي، بزمي جي، جوشَ، نقوي جي،
او ٻيلي، بچايو...

بدر، فقير جي، انعام، امير جي، او، پنهنجي ضمير جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

عين بلوچ جي، نون بلوچ جي، او سَچ سوچَ جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

ڪوسي، لغاري جي، جوڻي، لاشاري جي، او، ڪڙمي، ڪاري جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

www.sindhsalamat.com

نُورهدا جي، خيرالنساءِ جي، او، امان اُمراءِ جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

ياڳي، پروين جي، نُوري، زرين جي، اوهِن زمين جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

ڪَنور رام جي، ڪِرشن، شام جي، او خاص، عام جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

ڪَلاپرڪاش جي، نارائڻ، داس جي، او اميد، آس جي ٻولي، او
ٻيلي، بچايو...

ڪَمَلَ، حاسِد جي، اُتم، گوبِند جي، او سنڌ، هِند جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

موهن گيهاٽيءَ جي، ڪِيرت ٻاٻاڻيءَ جي،
او ٻيلي، بچايو...

سيّد سونهاري جي، پير پاڳاري جي، او، پُوري، ڪاري جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

حيدر سنائيءَ جي، نوح هالائيءَ جي، اوپالَ پلائيءَ جي ٻولي،
او ٻيلي، بچايو...

www.sindhsalamat.com

راهُو، پليجي جي، جامَ، جوڻيجي جي، او نينهن نتيجي جي ٻولي،
او ٻيلي، ٻچايو...

دودي شهيد جي، سمي شهيد جي، او، پُني شهيد جي ٻولي،
او ٻيلي، ٻچايو...

دادوءَ جي ليڪڪن، دادوءَ جي دوستن، او سنڌ جي تَن مَن جي ٻولي،
او ٻيلي، ٻچايو...

اَمَرَ، استاد جي، اَلهڏاد جي، او، اوج آزاد جي ٻولي،
او ٻيلي، ٻچايو...

●

www.sindhsalamat.com

پونءِ تنهنجا اسين آهيون ڀانءَ، ڳلي ڳلي جاڳَ راڳ ڳايون،
ديري ديري ڏنگي مَنگون ڏانءَ، ڪٽو ڪٽو قوم تا ٻٽايون.

هَٿ هٿ جاتيون، پڳ پڳ لاتون،
اُلرن شعلا، تڙڪن پاتون،
جُوءِ تنهنجا ڳاڙها ڳاڙها جُوانَ، سَچو پچو مَچُ تا مچايون.

ڏاڍ وڏيون پيا، ڪُوڙ ڪَٽيون پيا،
پاپَ ڪُڏي جي پاڙ پَٽيون پيا،
ڦر توڪي تڪي هٽون ڪان، ڳِهتي ڳِهتيءَ ڏوڏَ روز ڳهايون.

www.sindhsalamat.com

پٺي تي پُڪاري بستي بستي،
دلبرِ ڏرتي، سهڻي سرتي،
مَلهي ڪريون متي ٻنهي جا مانَ، وڙهي وڙهي جيوتون بچايون.

پيئون پيئڻ ڏيون، جيئون جيئڻ ڏيون،
اڻ ٽِيئڻي ڪي هاڻ تيئڻ ڏيون،
نَوان سَنوان تيون اِنسانَ، نيون خوشيون ديس ۾ ونڊايون.

ڪول ڪتوري، ٻول بخاري،
پيلن جي پيچ پول بخاري،
جِتان ڪِتان اٿيا اعلانَ، هَلو هَلو ماٿهپو ملهايُون.

•

www.sindhsalamat.com

ڪاري ڪان ماٿيلي تائين، ساري سنڌڙي تنهنجي آ،
تون سنڌڙيءَ جو سوڍو آهين!
تون ڌرتيءَ جو دودو آهيان! دودا ڌرتي تنهنجي آ،
تنهنجي آ،
تنهنجي آ.

سنڌو دريا، سنڌو ساگر، چولي چولي تنهنجي آ،
وَستي وَستي، واهڻ واهڻ، نگري نگري تنهنجي آ.

www.sindhsalamat.com

ڪوٽ رني ۾ ڪوٽ ڏِجيءَ جو، موهن، مڪلي تهنجي آ،
سيوهڻ، سنّ، درازا، هالا، ڀِٽ ڀليري تنهنجي آ.

ڏونگر، ڏرتي، گئسون، بجلي، ڪاٺيون، کيتي تنهنجي آ،
پورهيت هاري، ڪڙمي ڪاري، ساري سرسي تنهنجي آ.

ڪڙتالون، يڪتارو، ڇيرون، گهاگهر، ماٽي تنهنجي آ،
مورو، گيت، جمالو، دوهو، وائي، ڪافي تنهنجي آ.

ڪاچي، ٿر ۾، لاڙ، اتر ۾ رهٽي، کهٽي تنهنجي آ،
چوڏاري استاد بخاري، پياري ٻولي تنهنجي آ.
تنهنجي آ،
تنهنجي آ.

●

www.sindhsalamat.com

ڪِتي رِيهُون، ڪتي ڪِيهون، ڪتي دهل دمامان،
ڇيهون ڇيهون ڇاتيون، ڇيرون ڇيڙيان ڇا مان؟

انڌو، ٻوڙو، گونگو وڏو وقت آهين،
تون ڇا ڄاڻين ڻاڻا، هي جي هُلّ هنگامان.

تَتّو ڏينهن زاري، ڳهي ڳاهُہ هاري،
ڪِلي کان گهر ۾، خرامان - خرامان.

www.sindhsalamat.com

ڪٿي رُڪّو ڊوڊو، ڪٿي ڦِڪّا پڳڙا،
ڪٿي ٻوڙ مانيون، ڪٿي انب آمان.

اچي عيد اهڙي، گهُري ديد جهڙي،
وڄهان جوت جياري، پلي پو اُجهامان.

ٻخاري ٻَتي تي، جلان پيو، جيان پيو،
پڪيڙن لئہ پڇران، ڪتيرن لئہ ڪامان.

●

www.sindhsalamat.com

اڃا نيڻ تنهنجا ننڊاکا، ننڊاکا،
ڌَما ڌم وڃن پيا ڌماڪا، ڌماڪا.

اڃا ماڪَ تي پاڻ موريا وتون ٿا،
اُلا، پُونءِ پڙڪي اُڳاڇا، اُڳاڇا.

پنيرڪي پڳا چور، پاڳيا اٿي پيا،
ٿلهن تي ٿين پيا تماشا تماشا.

غدّارن جي گِيدي ۾ گوليون ۽ گولا،
اوهان جي پَلوَ ۾ پتاشا پتاشا.

اچو جاڳ جا راڳَ استاد ڳايون،
نَشا نِنڊ وارا نياڳا، نياڳا.

www.sindhsalamat.com

هٿ ۾ ڏاتا، اوچا ڳاتا،
نانگ، بلائون ڪاتا - ڪاتا.
ڪاتا، ڪاتا!!

ڳُهرندَنِ کي ڏي گهرڻ بنا نہ تہ،
جهوري وجهندءِ جهاتا جهاتا.
ڪاتا، ڪاتا!!

آزارن ۾ لابارا پيا،
سُورن ۾ پيا ساتا، ساتا.
ڪاتا، ڪاتا!!

www.sindhsalamat.com

گهاٽن جا سَنڌَ ٽڪرا ٽڪرا،
ڦندن جا هانءَ ڦاٽا ڦاٽا.
ڪاٽا، ڪاٽا!!

ديس ۾ ديسي ءِ پرديس/
وونئڻ ۾ چڻ چِاٽا، چِاٽا.
ڪاٽا، ڪاٽا!!

چڊڙا ٽيندا ڇيهون ڇيهون،
گهيرا ناهيو گهاٽا، گهاٽا.
ڪاٽا، ڪاٽا!!

ڪانوَ اندر ۾ نانوَ عقابي،
هانوَ انهن جا ڦاٽا ڦاٽا.
ڪاٽا، ڪاٽا!!

چوڌاري چمڪات بخاري،
ٻات ڪريون پيا واُٽا واٽا.
ڪاٽا، ڪاٽا!!

●

www.sindhsalamat.com

هِن عشق کي قاضي ڪجهہ بہ نہ ڇئو، هي عشق تہ منهنجو ايمان آ،
هي عشق تہ منهنجو ايمان آ، هي عشق تہ منهنجو ايمان آ.

هن ڌرتيءَ تي مان ڄايو هان، هِن تي ئي تہ مونکي مرڻو آ،
هِت مونکا پيڇاڻو ٿيڻو آ، محشر جو هِتي ئي ميدان آ.

هو تارو تارو تسبيح آ، هي ٻارو ٻارو مُصلّو آ،
هِت جيڏان ڪيڏان جلوو آ، هر صورت سنڌ جي سبحان آ.

www.sindhsalamat.com

اڄ منهنجي عبادت ڏِس تہ سهي، مظلوم دلين تي لُڇ تہ سهي،
اُت ظالم کي چئو سچ تہ سهي، جو شهر شهر ۾ شيطان آ.

ڪو ٻڪري وانگي ٻيڪي پيو، ڪو چِيتو چيري، ڦاڙي پيو،
ڪو ڦٿڪي پيو ڪو ٿهڪي پيو، انسان جو دشمن انسان آ.

جو خان هجي خانان هجي، ماڻهوءَ جي مُندي، حيوان هجي،
سو ڪونہ کپي سو ڪونہ کپي، استاد اسانجو اعلان آ.

●

www.sindhsalamat.com

# انسان جئي!

مزدور جو نانُ، مڪانُ جئي!
مزدور جو مانُ، مهان جئي!
انسان جئي، انسان جئي.

جوڪاڇي، ترجي ڪاٺ ڪڙهي،
جو هارين جي حق لاءِ لڙي،
سوخان تہ ڇا خانان جئي!
انسان جئي، انسان جئي.

www.sindhsalamat.com

بَدبوءِ وَڌِي، گُهٽَ ساهہ گُهٽي،
سڪرات ۾ سُرهي هِير هجي،
ان موت منجهان طوفان جئي.
انسان جئي، انسان جئي.

سَچ سوچَ جئي، مَتِ هوش جئي،
گَڏ جهد، جتن جو جوش جئي،
سڀ جيئڻ جو سامان جئي.
انسان جئي، انسان جئي.

جِت سنڌي ماڻهن جا ميڙا،
جت پائر پاوَن سان پيڙا،
سو عامن جو ايوان جئي.
انسان جئي، انسان جئي.

مضبوط لِکيو تاريخي آ،
هي سنڌ تہ تنهنجي منهنجي آ،
هي فطرت جو فرمان جئي.
انسان جئي، انسان جئي.

www.sindhsalamat.com

ٿر، لاڙ، سرو، وچ، ساگر آ،
هت سنڌي قوم نشانبر آ،
هي نقشي جو نيشان جئي.
انسان جئي، انسان جئي.

ٻڌ گولن ۾ گم ڪونہ ڪبو،
سنسار، جهنّم ڪونہ ڪبو،
ٿي پوڻ سدا بستان جئي،
انسان جئي، انسان جئي.

انصاف، امن جو نعرو آ،
آزاد وطن جو نعرو آ،
استاد اهو اعلان جئي.
انسان جئي، انسان جئي.

•

www.sindhsalamat.com

توسان منهنجي ياري،
ياري ٻه ڏاڍي پياوي،
هاري، ناري، ڪُڙمي، ڪاري!
توسان منهنجي ياري!

ساڳي لولي، ساڳي ٻولي،
ساڳي سنڌ سگهاري.
توسان منهنجي ياري!

www.sindhsalamat.com

ڪونڌر، ڪنڌ منجهان ڪڍ هاڻي،
پُــرمــاري پــاجــاري!
توسان منهنجي ياري!

گپَ چِڪَ ۾ او گدلا، ميرا،
سنڌڙي اٿئي سينگاري.
توسان منهنجي ياري!

منهنجي تن تي ڪپڙا تنهنجا،
پڳڙي بي تو واري،
توسان منهنجي ياري!

سچّي سون کي ٽچڪائي پئي،
ڪُوڙن جي ڪوٺاري.
توسان منهنجي ياري!

ڪلڪ، ڪھاڙو، ڪوڏر، ڏاتو،
چارئي يارَ بخاري.
توسان منهنجي ياري!

●

www.sindhsalamat.com

جاتي هجو تاتي چِتو ٻُڌو يارَ،
اُتو اُتو، هاٽي مِلو، مَچو يارَ،
آچڻ وارو اچيوَ تو!
آچڻ وارو اچيوَ تو!

مَتان پو ٻوليو ڪنهن نہ ٻُڌايو،
ڪَڪرن، ڪنوٽين سيني سٽُايو،
سِگهو سعيو ڪري وارو وٺو يارَ.
آچڻ وارو اچيوَ تو!

www.sindhsalamat.com

حُسنَ کي جيئن شباب ائيندو آ،
عِشق ۾ اِنقِلاب ايندو آ،
تيئن ڳاڙهو ڳاڙهو ريتو رتو يارَ.
آچڻ وارو اچيوَ ٿو!

سورهن ئي سينگارن سُوڏو،
اقرارن، انڪارن سوڏو،
ڪَوڙو توڙي مِٺو ڪيو ڪَنو يارَ.
آچڻ وارو اچيوَ ٿو!

رات برابر انڌ انڌاري،
بات ڪبي بيباڪ بخاري،
مون کي آهي اهو پُورو پتو يارَ.
آچڻ وارو اچيوَ ٿو!

www.sindhsalamat.com

نہ ڇڙو هيڪلو!
نہ ڇڙو هيڪلو!

اڇان پيو اڪيلو،
وڃان پيو اڪيلو، نہ ڇڙو هيڪلو!
اڳيان آرزوءَ جو،
پٺيان جستجوءَ جو،
ڳلي تي ڳلو، نہ ڇڙو هيڪلو!

www.sindhsalamat.com

ڏکي ڪابہ منزل نہ لڳندي آ جي عشق اڳواڻ آ.
نظر رَوشنيءَ تي،
رکي سِر تريءَ تي.
پتنگو هلو، نہ چئو هيڪلو!

جوان جوش ۾ آڳ ڏوڪڻ لڳي، هوش روڪڻ لڳي.
ڪڏي عشق پنهنجو،
ڪڏي عقل پنهنجو،
ڪبو پرجهلو، نہ چئو هيڪلو!

(1) بخاريءَ کي تون پيار پنهنجي ۾ سِنڌو چوين ٿو تہ چئو.
هو ساگر ڦڙو آ،
هو ريتي ڪٽو آ،
هو ڪيتي سَلو، نہ چئو هيڪلو!

●

(1) دبئي مان عطا سنڌي خط ۾ لکيو تہ "تون سِنڌو آهين." ان اثر هيٺ لکيو ويو.

www.sindhsalamat.com

او جيئي سدا جيئي، جيئي سنڌڙي!
جتي، ڪتي سرخرو سدا تِئي سنڌڙي!
او جيئي سدا جيئي...

جڳ مڳ جڳ مڳ سورج وانگر جڳ ۾ جرڪي سنڌ!
مشڪ، عطر آ مِٽي جنهنجي، مُلڪين مهڪي سنڌ!
او جيئي سدا جيئي...

www.sindhsalamat.com

ڪارونجهر ڪان ڪاڇو جاڳي، لاڙ، سرو، ٿر جاڳي!
نينگرُ، نينگرِ، ننگر ننگر، گهر گهر، در در جاڳي!
او جيئي سدا جيئي...

وَتن وطن لئہ جَتن ڪنديون، ڪئي طرح طرح تدبيرون،
سوڀَ مبارڪ مَرڪي ڏينديون قدم قدم تقديرون،
او جيئي سدا جيئي...

محبت، محنت، موجون ماڻي، عزّت جي آجائي،
چاهت، چنگ، چنجور، سچائي چارئي پائي پائي.
او جيئي سدا جيئي...

زنده باد استاد بخاري، شاهہ، سچل جي ٻولي،
هاري ناري، ڪڙمي، ڪاري تنهنجي منهنجي ٻولي.

●

www.sindhsalamat.com

ڪَڏِي ڪَڏِي لنوي ڪوئي ڪانءُ،
جَڏي تڏي لچي منهنجو هانءُ!

جيئن بہ ٿئي پر جاني پرچي،
آڳ - لڳيءَ سان پاٽي پرچي،
ڏسيو جيڏي مونکي ڪوئي ڏانءُ!
جَڏي تڏي لچي منهنجو هانءُ!

چولي چولي ميهر بولي،
لئي لئي يانيان جانب جهولي،
ٿلي ٿلي وڃي تنهنجو نانءُ.
جَڏي تڏي لچي منهنجو هانءُ!

www.sindhsalamat.com

تولئہ منهنجو تَن پيو تڙپي،
ساگرہ پر ۾ تر پيو پڙڪي،
رَجيو ناهي اجا اُجـو تـانءِ.
جَڏي تڏي لڇي منهنجو هانءِ!

ڪودَمُ پڙڪي باهہ بخاري،
ڪو جَهت بلڪل باغ بهاري،
اِئن پـيو جيـو آهـيان آنءِ.
جَڏي تڏي لڇي منهنجو هانءِ!

www.sindhsalamat.com

آءُ اوڳو هُيس حيوانُ،
تنهنجي عشقَ، اجاريُ آ، بڻايو انسانُ.

ڪالهہ ڪاچي، ڪچي جي هُڙيءَ ۾،
چو مون ڳولي ٿي باغن جي بلبل،
مورَ مومل جي موجودگيءَ ۾،
پنهنجي سر تي بڻايم تي سُومل،
هائي ناسمجهہ هُس نادانُ،
تنهنجي عشقَ، اجاري آ، بڻايو انسانُ.

www.sindhsalamat.com

ماڪي جهڙي مِٺي شاعري هي،
زهر جهڙي ڪڙي زندگي آ،
مُرڪندي تو ملائي ڏني هي،
جهومندي مون وٺي پي ڇڏي آ،
مون تي ايڏو وڏو احسان،
تنهنجي عشقَ، اجاري آ، بنايو انسانُ.

منهنجي رڳ رڳ جو تو ساڻ رشتو،
ڪيئن ڀَن ٽٽي، ڀِپر ڪان پري مَن!
مان جيان يار تنهنجي ڪري ٿو،
آءُ مرندس تہ تنهنجي ڪري من!
اهو استاد اتم ايمان.
تنهنجي عشقَ، اجاري آ، بنايو انسانُ.

●

جاڳو جاڳو وقت پڪاري، جاڳو، جاڳو يارو!
جاڳڻ ساڻ سُهاڳ ملي ٿو، سانگ ٿئي ٻِسويارو.
جاڳو جاڳو...

اولهہ جاڳيو، اوڀر جاڳيو، جاڳي پيو جڳ سارو،
چيني جاڳيا، شيدي جاڳيا، جاڳيو ڀُورو، ڪارو.
جاڳو جاڳو...

www.sindhsalamat.com

پنهنجي ڌرتي، پنهنجا دريا، پنهنجو پارو پارو،
پورڪئڻ وارا پاڻ ٿي، آهيون، پاڻ ڪريون لاپارو.
جاڳو جاڳو...

ديس بہ پنهنجو ڪيس بہ پنهنجو ويس بہ پنهنجو پيارو،
اجرڪ، لوئي سندري وارو ساٿي ساهہ - سهارو.
جاڳو جاڳو...

سنڌي ٻولي، قومي ٻولي، ٻول اهو ٻَلَ وارو،
جيئي سهڻي سنڌ بخاري، نينهن هٽايو نعرو.
جاڳو جاڳو...

●

www.sindhsalamat.com

هَل پيار ڪندو –
هَل پيار ڪندو –
هَل پيار ڪندو –
هَل، هَل، هل پيار ڪندو...

اک اوکي پاسي اٽڪڻ کان،
دل لرزڻ کان، لَبَ لبجڻ کان.
بيزار ڪندو، هل پيار ڪندو...

www.sindhsalamat.com

هِن ديس دُلاري دلبر جو،
هِن پياري تَر جي در در جو.
ديدار ڪندو، هل پيار ڪندو...

هي جيڪا سُهڻي سنڌڙي آ،
سا تنهنجي منهنجي جندڙي آ،
اقرار ڪندو، هل پيار ڪندو...

اُستاد بخاري الفت جو،
پرپور محبّت، محنت جو.
پرچار ڪندو، هل پيار ڪندو...

●

www.sindhsalamat.com

جُڳ جُڳ جيجل ماءُ جيئي!
جيئي سنڌ، سدا جيئي!

جيتر اُڀَ ۾ سورج ايري،
جيتر ٻوٽن ۾ ٻج ايري،
جيتر آب، هوا جيئي.
جيئي سنڌ، سدا جيئي!

www.sindhsalamat.com

سنڌو، بارڻ، منڇر، ڪينجهر،
لاڙ، سرو، ٿر، ساحل، ساگر،
ڏونگر جي تہ ڏيا جيئي!
جيئي سنڌ، سدا جيئي!

جنهن جا چايا، دريا، دودا،
هوشو، هيمون جهڙا جوڌا،
سا ماءُ چو نہ پلا جيئي.
جيئي سنڌ، سدا جيئي!

سڀئي سهڻي سنڌڙي جيئي!
تنهنجي منهنجي جندڙي جيئي!
استاد آهي دعا جيئي!
جيئي سنڌ، سدا جيئي!

●

www.sindhsalamat.com

جيجلؔ جهولي، ڏئي پٺي لولي، سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

وڏڙو ٽيندين، وڪڙون ڪٽندين،
پهرين پهرين ڦرهي پڙهندين،
ٻي ٻي ٻي ٻي ٻاتڙي ٻولي،سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

پيٽون توڪي ٽوپي وجهنديون،
اَجرڪ آڻي، ٻوڪي ٻڌنديون،
چوڏِس تنهنجي چمڪي چولي، سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

www.sindhsalamat.com

تنهنجي مامَن جي هِيءَ ٻولي،
تنهنجي چاچن جي هيءَ ٻولي،
منڙي منڙي سولي سولي، سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

جرنيل ڏيندين، جوڌو ڏيندين!
دريا خان ۽ دودو ڏيندين!
گولي تنهنجي در جي گولي، سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

وستي وستي واهڻ واهڻ،
پهٽي پهٽي، پاهڻ پاهڻ،
ساحل ساحل، چولي چولي، سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

گهوٽ ڀٽائي واري ٻولي،
استاد آهي پياري ٻولي،
ڌاري ڪاري گهوري گهولي، سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

•

www.sindhsalamat.com

اِڪ اِڪ سان وِڪ سان ڪئين سُورَ سَلي تي پئي،
جنهن جنهن دل ۾ جهاتي پايون جوت جلي تي پئي.

هڪ سرتيءَ تان پيو ڏرتيءَ تان سڀ ڪجهہ صدقي آ،
ڳليءَ ڳليءَ هي ڳوٺاڻن ۾ ڳالهہ هلي تي پئي.

ديس مٿان جنهن سينُ سهايو سا تہ سهاڳڻ تي،
سون مٿان جنهن سيڻ مَٽايا، نيڻ مَلي تي پئي.

پِرهہ ڦُٽيءَ سان تارو تارو ڦٽجي ٿه تي پيو،
راتِ رُليءَ ڪيئن ماتِ مِلي وئي، بات بَلي تي پئي.

سرمد وارو دور ڪٿي آ، سياڻو تيءَ استاد،
پريت اچوڪي، ڏاڍي اوکي، چال چلي تي پئي.

www.sindhsalamat.com

هَلي مَلهي ڳاهه ڳلهي،
هاري، ڏاند هلي هلي.
رَ رَ رَ رَ رَ رَ رَ رَ رَ
هَلي مَلهي ڳاهه ڳلهي،
ٻگو منهنجو ٻلي،
ڪُنڊو منهنجو ٻَلي! ٻلي ٻلي ٻلي.
هلي ملهي...

ٺَڪَرَ جيڏو ڦيڙهو،
وَسي منهنجو ويڙهو،
وسي منهنجو ويڙهو ڙي،
هلي ملهي...

www.sindhsalamat.com

جبل جيڏو ديرو،
متان پچين پيرو،
متان پچين پيروڙي.
هلي ملهي...

تِڪو تپي جهولو،
اوٿ نہ ڪو اولو،
اوٿ نہ ڪو اولوڙي.
هلي ملهي...

ڇَڏُن متان ڇَلوُن،
لهن ڳريون ڏلون،
لهن ڳريون ڏلون ڙي.
هلي ملهي...

برابر بخاريءَ جو،
هيو گيت هاريءَ جو،
هيو گيت هاريءَ جو.
هلي ملهي...

•

www.sindhsalamat.com

هن ڌرتي جو تون آهين ڌڻي.
جي ڳالهه ڳڻي!
جي ڳالهه ڳڻي!

هِن پونءِ ڪي پونگر پاڪر وجهه،
اڻ پونئان ٽيندا پير - پڻي.
جي ڳالهه ڳڻي...

هر ڌارئي ڌڙ تي ڌوڙ پوي،
هِن خاڪ چڙيا ڪئي خان ڪٽي.
جي ڳالهه ڳڻي...

www.sindhsalamat.com

پَلِ ڇاتي ڇِلجي ڇاٽي ٽٽي،
پر ڦتنجي ڪنهن پر ڪين ڦٽي.
جي ڳالهہ ڳٽي...

هر حالت منزل سان مِلبو،
سڀ ساٿي بيٺا هامَ هٽي.
جي ڳالهہ ڳٽي...

ڏِس سنڌو سُينو ساهيو آ،
۽ ڇَپّر ڇاتي آهي تٽي.
جي ڳالهہ ڳٽي...

هر پاهڻ پارس پاهڻ آ،
هِر هيرو آ هر ريت - ڪٽي.
جي ڳالهہ ڳٽي...

پيو "ڏي آلا - ڏي آلا" ڏوم ڇوي،
هِن گهر کي گهرجي گهور گهٽي.
جي ڳالهہ ڳٽي...

جي لِکٽو ٽٽي جيجل تي لک،
پوءُ ادڙن کي استاد وٽي.
جي ڳالهہ ڳٽي...

•

www.sindhsalamat.com

لاباري تي اچو – اچو!
زالين، مڙسين مَچّو – مَچو!
ٻُڍو ٻڍو، ٻَچّو – ٻچو!
هَمّرچو ڙي هَمرچو!

ڍَنب، ڍَنبان ڍنب ڍُهلاري،
سَت سَت سَت سَت ونگاري،
گڏجي ڳايو جهومو نچّو؛
هَمّرچو ڙي هَمرچو!

جيڏان ڪيڏان لابارا،
هيڏان هوڏان هوڪارا،
وڏندا وڏندا ويجهو اچّو.
هَمّرچو ڙي هَمرچو!

هٿ ۾ ڏاتا سوپارا،
لوڪ بخاري لاهيارا،
ڏور ڏُڪر ۽ ٿيندو ڏچّو.
هَمّرچو ڙي هَمرچو!

●

www.sindhsalamat.com

ڦِٽي تہ بہ ڪين ڪَٽي، تنهنجي منهنجي دوستي پڪي،
ٽٽي، ٽڏي ڪين ٽڪي، تنهنجي منهنجي دوستي پڪي.

ڳاڙهن ٽاندن تي نچندي وئي،
ساڙُو پارن ۾ مچندي وئي،
جيئن تتي تيئن مَتي،
تنهنجي منهنجي دوستي پڪي.

www.sindhsalamat.com

الف اسانجي الفت اٺ جهل،
بي بي ٻي جي ٻيئي پل پل،
پڙهون پيا يار پَٽي.
تنهنجي منهنجي دوستي پڪي.

ڏونگر ڪان به ڏهوٽي جاني،
ساگر ڪان به سئوٽي جاني،
او وڏي وڏي ڏادي وڏي.
تنهنجي منهنجي دوستي پڪي.

ننگر ننگر ڪوناد وڄي پيو،
عشق اتيُو استاد وڄي پيو،
وڄي پئي سنڌو سڄي.
تنهنجي منهنجي دوستي پڪي.

●

www.sindhsalamat.com

پير پيا ٿو ڦٽيا، هاڻ پيو ٿو رڏو، ڪجهہ تہ اڳتي وڌو!
جو هٽيو سو ڪٽيو، مونکي آهي پتو، ڪجهہ تہ اڳتي وڌو!

زندگي، جنگ جاري جيئڻ جي، مگر امن، انصاف لئہ،
پنهنجي قومي حقن لئہ اچو ۽ مچو، ڪجهہ تہ اڳتي وڌو!

هي جو اجرڪ آ ويڙهيو پيو، تنهنکي ڦاڙيو، اڏو اڏ ڪريو،
هڪڙو سِر سان ڪفن ۽ پيو سندرو ٻڌو، ڪجهہ تہ اڳتي وڌو!

سنڌ جي راتِ آ، وَرَوڪڙ واٽ ۾، ڦهر جي ڪاٽ آ،
پاڻ وٽ جوت آ، جُنگ جوڌو جُتو، ڪجهہ تہ اڳتي وڌو!

www.sindhsalamat.com

سِرُ تَريءَ تي رکڻ کان اڳي سورمئو، هوڏي سامهون ڏسو،
سوپ سهڻيءَ جي سيني تي نظرون رکو، ڪجهه ته اڳتي وڌو!

پلصراطن کان پوءِ جنّتون، مقتلن جي پٺيان منزلون،
ٿڪ ڦٽندا پَريان، پهريان هي ڏڪ ٽپو، ڪجهه ته اڳتي وڌو!

مان ڏسان ٿو ڏُٻڻ تي وئي آهي ڌرتي سڄي ڏيهه جي،
ڪو غريبت ۾ گم ٿيو ڪو ڏَن ۾ گتو، ڪجهه ته اڳتي وڌو!

هائو، آڙاهه آڏو آ، درياهه پويان آ، اوٿر مٿان،
ڪيئن به ڪهڙو به، پر ڪو طريقو ڪيو، ڪجهه ته اڳتي وڌو!

قطرو قطرو ملي مست درياهه ٿيو، تيز طوفان ٿيو،
انقلابي بنايو ڪچو ۾ پڪو، ڪجهه ته اڳتي وڌو!

لوڪ بنگلو نه ٿي وي نه وِسڪي نه زردو نه زر ٿو ڦُري،
هو گُهري ٿو اَجهو ۽ لٽو ۽ ڳڀو، ڪجهه ته اڳتي وڌو!

هو ڪنيپو ٿا وجن تي سڌر سنڌ جا، پنگ، ٿي لڪ چيو،
ڏاڙ ڌرتيءَ تي ماٿهو ٿيو جهڙو ڍڳو، ڪجهه ته اڳتي وڌو!

حيدرآباد برباد، سنڌي نسل، باهه – بيداد ۾،
گهر ٻري آڳ ۾، رود رت ۾ رَتو، ڪجهه ته اڳتي وڌو!

www.sindhsalamat.com

جاڳ اک ۾ آئو، پنهنجون ڪوليو اکيون، پاڳ هَٿ ۾ آئو،
سوپ سگهه ۾ آئو، ساٿ جوڙيو سگهو، ڪجهه تہ اڳتي وڌو!

چند سجدا ڪندو آ، عظيم آدميءَ جي قدم تي جهڪي،
پاپ پُرزا ڪندو عزم پنهنجو پڪو، ڪجهه تہ اڳتي وڌو!

عار، استاد، شاگرد، مزدور، ڪڙمي، سمورا – بُڌو،
گهند پيو ٿو ڳُڙي اِرتقا جو پڪو، ڪجهه تہ اڳي وڌو!

●

www.sindhsalamat.com

پڙهو گهمايو، خزان تڙايو، اسين اٿون پيا بهار بنجي،
گهٽي گهٽي گونججي وئي آ، پکي پکي ويو پڪار بنجي.

هوا ۾ ڳاڙهي گلاب جي بوءِ سجي، ڪٻي ڪان اچي رهي آ،
نظر نظر ۾ نچي رهي آ: خوشي، خوشيءَ جو نکار بنجي.

ڪچو، پڪو سڀ ملير تي ويو، نندي وڏي تي وئي بهاروي:
چڙي چڙي تي ٻري هنئين ۾ جئي جئي جي تنوار بنجي.

ٻني ٻني تي ٻير لڳي ويا، ڪسي ڪسي تي قدم کپي ويا،
سلي سلي تي صفا ڄمي ويا: جوان جوان جانثار بنجي.

ڪنول، هزارو، عقيق ٽهڪيو، رتن، چنبيلي، گلاب مهڪيو،
عشاق آڏو حسين سامهون، قطار تي وئي قطار بنجي.

ڪٽي ڪٽي تي ڪني بخاري، ڦڙو ڦڙو تو سمونڊ ڇڇڪي،
ڪٽو ڪٽو ويو خرار بنجي، ڇٽو ڇٽو ويا هزار بنجي.

•

www.sindhsalamat.com

ظلم، ستم جو ڦٽڪو ڦهڪي،
رَتّ ٿو ٻڙڪي.
ڏک ٿو جهومي، ڦٽ ٿو ڦٽڪي،
رَتّ ٿو ٻڙڪي.

ڏهر ڏهر ۾ شهر شهر ۾،
ڏند ڪڍيو ٿو ترڙو ٿهڪي.
رَتّ ٿو ٻڙڪي.

www.sindhsalamat.com

تڙپي تاسي تر جي واري،
پر ۾ سنڌو - ساگر ڇيڪي.
رَتّ تو ٻڙڪي.

مورن آڏو ميڙ ڳجھن جا،
بين سامهون ڀهڙو ڀَئنڪي.
رَتّ تو ٻڙڪي.

آکيري ۾ آڳ ٻخاري،
چور شِڪاري بينو ڇهڪي.
رَتّ تو ٻڙڪي.

•

www.sindhsalamat.com

مرسون مرسون، ڏيھہ نہ ڏيسون!
سِر ڏيسون، ساٿيھہ نہ ڏيسون!

پرماري دي پڳڙي لهيسين، (ڪورس ۾) پڳڙي لهسين،
هر ڦورو دي ڦينٽي لهيسين، (ڪورس ۾) ڦينٽي لهسين،
ڪُوڙ، بَدُوڙ دي قلعي لهيسين، (ڪورس ۾) قلعي لهسين،
مُنهن ڪالے دي مَستي لهسين، (ڪورس ۾) مستي لهسين.
سِر ڏيسون، ساٿيھہ نہ ڏيسون!
مرسون مرسون، ڏيھہ نہ ڏيسون!

www.sindhsalamat.com

قطرا قطرا ساگر ٿيسين، (ڪورس ۾) ساگر ٿيسين،
چوھا چوھا اوتر ٿيسين، (ڪورس ۾) اوتر ٿيسين،
ڪنڪر ڪنڪر ڏونگر ٿيسين، (ڪورس ۾) ڏونگر ٿيسين،
گھر گھر مِلڪر لشڪر ٿيسين، (ڪورس ۾) لشڪر ٿيسين.
سِر ڏيسون، ساٿيھہ نہ ڏيسون!
مرسون مرسون، ڏيھہ نہ ڏيسون!

دولھہ، دودي آئو آئو، (ڪورس ۾) آئو، آئو!!
سُنھن ڏرتي دا چائو چائو، (ڪورس ۾) چائو، چائو!
سويان سِر تي پائو پائو، (ڪورس ۾) پائو پائو!
جيت بخاري ڳائو - ڳائو، (ڪورس ۾) ڳائو، ڳائو!
سِر ڏيسون، ساٿيھہ نہ ڏيسون!
مرسون مرسون، ڏيھہ نہ ڏيسون!

●

www.sindhsalamat.com

جو ڌوڏَ ڍڪيو پر لوڪَ لڌو،
سو منهنجو اِدو – سو منهنجو ادو.
جيئن ڏينهن تَتو تيئن مڙس متو.
سو منهنجو ادو – سو منهنجو ادو.

جو لاڙ، سري، تر لاءِ لُڇي،
جو ڪينجهر ڪاڇي ڪاڻ ڪُڇي،
جو ساميءَ تائين آهي سچو،
سو منهنجو ادو – سو منهنجو ادو.

www.sindhsalamat.com

جنهن سِرُ تہ ڏنو پر سُرُ نہ ڏِنو،
ڪنهن ريت ڪيو جنهن ڪُر نہ ڪِنو،
جو رَتَ رَتو پر ڪين ڪتو،
سو منهنجو ادو – سو منهنجو ادو.

ڏَڪَ لڳندا رهيا، رت وهندو رهيو،
پر جيئي – جيئي چوندو رهيو،
جنهن ماسُ ڏئي وشواس وَتو،
سو منهنجو ادو – سو منهنجو ادو.

جو ڀَن ڀن جي ڀيلاڻ پڙهي،
جو ڳل ڳل جي ڳاڙهاڻ پڙهي،
پَل پَل جو جنهنکي آهي پَتو،
سو منهنجو ادو – سو منهنجو ادو.

جنهن تِڪَ ڪسيو آ طوفان ڪان،
جنهن ڪلڪ ڪئي آ بجليءَ مان،
جو ڳالهائيندو آهي ڳِڙو،
سو منهنجو ادو – سو منهنجو ادو.

www.sindhsalamat.com

ڪي ٽڙڙا جنهن تي ٽهڪن ٽا،
ڇڻ ڀڙا پُونءِ تي پئوٽڪن ٽا،
هو بيٺو آ هالار لڳو،
سو منهنجو ادو – سو منهنجو ادو.

جو يارُ بخاري پورهيت جو،
۽ گهورو محبت، محنت جو،
ڇا رات ٽڏي ڇا ڏينهن تتو،
سو منهنجو ادو – سو منهنجو ادو.

●

www.sindhsalamat.com

ڪفن مٿي ساڻ ٻڌي وڌن ٿا.
اُهي اسان مان —
اُهي اسان مان.

ڪندا جيئڻ لئه جتن وتن ٿا.
اُهي اسان مان —
اُهي اسان مان.

ڄِڀيون ڄِپين ۾، اُلا اکين ۾،
پُڄن، پيا ٿا ڦلا دلين ۾،
ٻير ٻير ۾ جهجهڙ ٻرن ٿا.
اُهي اسان مان —
اُهي اسان مان.

www.sindhsalamat.com

مَري وڃن پر وري نہ ڇاڏن،
ٽَڪر ٽرن هي ٽري نہ ڇاڏن،
ڪُسي وڃن پر ڪَسِي نہ ڪن ٿا.
اُهي اسان مان —
اُهي اسان مان.

قدم قدم تي ڪمند ڪڙڪي،
قلم قلم تي ڪٽار لڙڪي؛
ڇِڪيا چڙهن پر لِڪيا لڪن ٿا.
اُهي اسان مان —
اُهي اسان مان.

اڳيان مصيبت، پٺيان مصيبت،
ڪبي، سڄي سِر مٿان مصيبت،
وِڇان ٻخاري وڏي سگهن ٿا.
اُهي اسان مان —
اُهي اسان مان.

www.sindhsalamat.com

ڏاتو مونکي آٽي ڏي،
ماتو مونکي آٽي ڏي،
لاب ڪرڻ جو ڏاتو،
ڏاتو جيڪو چاهه ڪري مون چاتو.

تڪو تيز تپايان،
ڳاڙهو ڳن رنگايان،
چاندي چوپ چڙهايان،
موتين ساڻ مڙهايان،
موتين ساڻ مڙهايان ڙي ڏاتو،
ڏاتو جيڪو چاهه ڪري مون چاتو.

www.sindhsalamat.com

مُنڌ مَتي بيٺي آ،
راند رتي بيٺي آ،
ڪٽڪ پڪي بيٺي آ،
لال لڳي بيٺي آ،
لال لڳي بيٺي آڙِ ڏاتو،
ڏاتو جيڪو چاهه ڪري مون چاتو.

هاُري جهمريون پائي،
واڇو واءُ وڄائي،
راڳ سخاري ڳائي،
سارو ڳوٺ جاڳائي،
سارو ڳوٺ جاڳائي ڙي ڏاتو،
ڏاتو جيڪو چاهه ڪري مون چاتو.

www.sindhsalamat.com

چيٽ ٿو پچي، ريٽو رنگ ٿو رچي،
مِنو روٽ ٿو پچي،
ڳاڙهو پوڙ ٿو رجهي؛
او ننڍو – وڏو ميڙ ڪري ٿو مچي، وطن جو،
چيٽ ٿو پچي:

ڪٽڪ پچي پئي ديس ۾، سنگ سنگ جهومي،
ڪٽو ڪٽو ڪيچ ٿيندو،
داڻو – داڻو ڪوڙ ٿيندو،
مِنو روٽ ٿو پچي – ڳاڙهو پوڙ ٿو رجهي؛
او ننڍو – وڏو ميڙ ڪري ٿو مچي، وطن جو،
چيٽ ٿو پچي.

www.sindhsalamat.com

سارِي پکي پئي سنڌ ۾، سنگ سنگ جهومي،
ڪٽو ڪٽو ڪيچ ٽيندو،
داٽو داٽو ڪوڙ ٽيندو،

مِنو روت تو پکي - ڳاڙهو ٻوڙ تو رجهي،
او نندو - وڏو ميڙ ڪري تو مچي، وطن جو،
چيٽ تو پکي.

جوئر پکي پئي جُوءِ ۾، سنگ سنگ جهومي،
ڪٽو ڪٽو ڪيچ ٽيندو،
داٽو داٽو ڪوڙ ٽيندو،
مِنو روت تو پکي - ڳاڙهو ٻوڙ تو رجهي،
او نندو - وڏو ميڙ ڪري تو مچي، وطن جو،
چيٽ تو پکي.

ٻاجهر پکي پئي تر ۾، سنگ سنگ جهومي،
ڪٽو ڪٽو ڪيچ ٽيندو،
داٽو داٽو ڪوڙ ٽيندو،
مِنو روت تو پکي - ڳاڙهو ٻوڙ تو رجهي،
او نندو - وڏو ميڙ ڪري تو مچي، وطن جو،
چيٽ تو پکي.

www.sindhsalamat.com

١

مکئي پچي پئي ملڪ ۾، سنگ سنگ جهومي،
ڪَٽو ڪَٽو ڪيچ ٿيندو،
داڻو داڻو ڪوڙ ٿيندو،
مِنو روت ٿو پچي - ڳاڙهو پوڙ ٿو رجهي،
او ننڍو - وڏو ميڙ ڪري ٿو مچي، وطن جو،
چيٽ ٿو پچي.

گيت بخاري جيت جو، جُملو جُملو جُهومي،
ڪَٽو ڪَٽو ڪيچ ٿيندو،
داڻو داڻو ڪوڙ ٿيندو،
مِنو روت ٿو پچي - ڳاڙهو پوڙ ٿو رجهي،
او ننڍو - وڏو ميڙ ڪري ٿو مچي، وطن جو،
چيٽ ٿو پچي.

●

www.sindhsalamat.com

سِنڌ تون، جِند ڪانءِ به پياري آن!
مونکي تنهنجي مِٽيءَ جو قسم آ،
سارِي پُونءِ، ڪان ياري آن!
سنڌ تون...

ازلي ابدي ناتو توسان،
روح جو رت جو رشتو توسان،
ذرتي تون ته نه ڌاري آن!
سنڌ تون...

www.sindhsalamat.com

اولهہ، اوپر خوشبو تنهنجي،
جر ٿر، گهر گهر خوشبو تنهنجي،
واسَ وِرچڻ واري آن!
سنڌ تون...

ديهہ تون ناهين، دنيا آهين،
قطرِو ناهين، دريا آهين،
ڏِيئو ناهين، ڏياري آن!
سنڌ تون...

توکي سهڻو قدرت جوڙيو،
اڻ ڪٿ محبت، محنت جوڙيو،
سنڌين چا تہ سينگاري آن!
سنڌ تون...

ڌرتيءَ جي دل ۾ دهڪين ٿي،
سورج جي منهن ۾ چَمڪين ٿي،
جڳ جي جان ۾ جاري آن!
سنڌ تون...

عرب، عجم ۾ ڌاڪو تنهنجو،
يو - اين - او ۾ واڪو تنهنجو،
هنڌ هنڌ هاڪاري آن!
سنڌ تون...

www.sindhsalamat.com

ڪُونڌن کي ٿچڪائين ٿي تون،
سون کي سونُ بڻائين ٿي تون،
پرک واري ڪوتاري آن!
سنڌ تون...

آزاديءَ جي امرت جي تون،
امن، عدل جي نعمت جي تون،
اجا اُجاري، بکاري آن!
سنڌ تون...

نانءُ اِتم استاد بخاري،
آءٌ تنهنجو اولاد او پياري،
منهنجي جان جِياري آن!
سنڌ تون...

●

www.sindhsalamat.com

مُرڻ کان تہ اڳ ۾ نہ مَرُ جِيئڙا!
ٻُڏڻ سان ٻَڏي هوڏ تَرُ جيئڙا!

صديون جوت، جرڪار وننڌيون رهن،
ٻہ ٽي ڏينهن اهڙا ڪي پر جيئڙا.

ڪناري جي وارِيءَ تي پيرا تہ ٿي،
جيٰ رهڻو اٿئي ٿيءُ تر جيئڙا.

مِلي هيلهہ ويو توکي، ٿورو نہ مَڄُ،
هِي پورو سفر ٿيو ٿي پر جيئڙا.

www.sindhsalamat.com

مرڻ سو بہ جهيڙي ۾ مشڪل نہ آ،
جيئڻ لاءِ گهرجي جگر جيئڙا.

تون تو رنگ، بُو جا ترانا چوين،
تہ پُٽڪي تو ڪارو ڪلر جيئڙا.

پڪي تي اڏامي تو پل پل اڳيان،
ولرُ تي ولر هر پهر جيئڙا.

ڪڏهن هي مِٽي پير جو ٿار هو،
اهو جو ڏسين تو ڏنگر جيئڙا.

اڪيلو متان بر ۾ تون بور ٿين،
وٺيو شوق جو وچ شهر جيئڙا.

نہ ترسيو بخاري نہ ڪو ترسندو،
آ، اوسر جو جاري سفر جيئڙا.

●

www.sindhsalamat.com

سوچون، پٽڪا، واڪا،
سانگَ مڙيئي ساڳيا.
چٽنگون، شعلا، پڙڪا،
سانگَ مڙيئي ساڳيا.

تاڙي تاڙي تڪبين،
ڦاڙي، ساڙي تڪبين،
پوتيون، پٽڪا، جهنڊا،
سانگَ مڙيئي ساڳيا.

ليڪڪ، پورهيت، هاري،
لاتي پڳ - مٽ ياري،
پينون، پانا، ڏاتا،
سانگَ مڙيئي ساڳيا.

www.sindhsalamat.com

بحث سَهڻ تي ناهي،
لفظ هٽڻ ٺي آهي؛
قُول هٽن يا ڦٽڪا،
سانگَ مڙيئي ساڳيا.

ڪجهن سورج ڪرڻا،
چمڪن چنجها تارا،
اُڏرن انڌا چمڙا،
سانگَ مڙيئي ساڳيا.

جهيرون، ڏارون جُهوپا،
چتڙيون ليڙون چولا،
پُرزا پرزا پردا،
سانگَ مڙيئي ساڳيا.

ڪونجُن ڪرڪيا لاتا،
چاقُن چهڪا چاتا،
ڦندن ڦٽڪا ڳاتا،
سانگَ مڙيئي ساڳيا.

پنڪي پِٺَ تي آيون،
آخر ڏرتي چايون،
موکي، سومل، لِيلا،
سانگَ مڙيئي ساڳيا.

www.sindhsalamat.com

تنهنجي ڪُڪِ ۾ ٽاندا،
وٽجن هن جا آندا،
منهنجي دل ۾ شعلا،
سانگَ مڙيئي ساڳيا.

اُٽ اٽ تنهنجا ٽيڙو،
وڌ وڌ هن جون وايون،
ڪَٽ ڪٽ منهنجا قطعا،
سانگَ مڙيئي ساڳيا.

●

www.sindhsalamat.com

# مهان آ ماڻهو

چيو زمين، جهان ۾، مَهان آ ماڻهو
عراق، چين، جپان ۾، مهان آ ماڻهو.

خُدا ٻہ خاص خليفو بڻايو آ، هن کي،
زمان ۾ ۽ مڪان ۾، مهان آ ماڻهو.

ڪيو سلام سمونڊن، جُهڪي ميڃيو جبلن،
سڄڻ چيو تہ اسان ۾، مهان آ ماڻهو.

پڙهو قرآن، ذماپد، انجيل ۽ گيتا،
پيغمبرن جي بيان ۾، مهان آ ماڻهو.

صبوح، شام تو لائوڊ تي گجي بانگو،
خدا کان بعد اذان ۾، مهان آ ماڻهو.

www.sindhsalamat.com

هِتي ٻُڌون ٿا فرشتا، هُتي هجن حورون،
هِتان ۾ خواه هُتان ۾، مهان آ ماڻهو.

مجي ته ربّ آ سڀ ڪجهه، سَڏي ته سَڏُ نه ڏئي،
يقين ۾ يا گمان ۾، مهان آ ماڻهو.

ٻُڌون ٿا عرش عظيم آهي آسمان تي پر،
شعور – مان ۾ شان ۾، مهان آ ماڻهو.

قدم زمين تي، وِڪ چنڊ، عزم زهري تي،
نِگاهه ڪاهڪشان ۾، مهان آ ماڻهو.

عظيم هوش ۾، حِڪمت ۾، فلسفي ۾ آ،
جنون، عِشق جوان ۾، مهان آ ماڻهو.

ڪمال لوح، قلم تي، هزار ايجادون،
ترارَ تير – ڪمان ۾، مهان آ ماڻهو.

پِتي ڪُٽي ڪري ماتم، نچي مَچي ڳائي،
غمي، خوشي جي نشان ۾، مهان آ ماڻهو.

خسيس هوندي بخاري، بشر عظيم آهي،
اسانجي ديد، ڏِيان ۾، مهان آ ماڻهو.

●

www.sindhsalamat.com

بِهشت پونءِ بڻايو، جِيو ۽ جيئڻ ڏيو،
جهان کي نہ ڄلايو، جيو ۽ جيئڻ ڏيو.

صدي نئين کي تہ روڪيو، ڄٽي نہ جنگ نئين،
عظيم امن اپايو، جيو ۽ جيئڻ ڏيو.

جوان لاش تي روئن ونيون، آميون، پيڻون،
حَسين مُرڪ بچايو، جيو ۽ جيئڻ ڏيو.

سَگهو، سگهو پيو ٿئي ۽ اگهو اڃا بہ اگهو،
ٻمڪار فرق مَٽايو، جيو ۽ جيئڻ ڏيو.

www.sindhsalamat.com

خلائي دَور جوُ انسان ڇو هجي وحشي،
لِکيو، پڙهيو نہ لڇايو، جيو ۽ جيئڻ ڏيو.

غريب ڪوبہ ڇو تڙپي، امير ڇو ٽڙڪي،
سماج اهڙو سجايو، جيو ۽ جيئڻ ڏيو.

جمال حسن تہ هرهڪ زبان، رنگ ۾ آ،
ڪمال عشق ڪمايو، جيو ۽ جيئڻ ڏيو.

مزو تہ ڪيڏو وڏو آ، جناب، جيوت ۾،
رڳو عذاب هٽايو، جيو ۽ جيئڻ ڏيو.

نصاب هِن نئين سَن لاءِ امن جو جوڙيو،
پنجن ڪندن کي پڙهايو، جيو ۽ جيئڻ ڏيو.

اميد، پوءِ بہ استاد آدمي ۾ آ،
وري بہ ناد وڄايو، جيو ۽ جيئڻ ڏيو.

●

www.sindhsalamat.com

هِن جِيوَن کي سمجھي نہ سگھيس،
بي جوڻ ملي من سمجھيُ سگھان.

هِن لُيَج پيچ ۾ جھُومي نہ سگھيسُ،
ڪو رنگ رچي تہ ضرور نچان.

مان سونهن سان بنجي نينهن رهيس،
گڏ - گوڏي رات ۽ ڏينهن رهيس.

سٺ سال رهي رچجي نہ سگھيس،
سٺ صديون هجن پو ڪجھہ رچجانءُ.

www.sindhsalamat.com

غم چوليون تي ٿا اک ۾ اچن،
جي روڪ تہ مَن ۾ ڪُن ٿا ڦِرن.

بازر ۾ رُئي، سُڏڪي نہ سگهيس،
ميدان هجيم تہ مينهن وسان.

چايس تہ مِلي سُورن جي سُٽي،
اپريس تہ بخاري آڳ اُٿي.

پڇري بہ پرين وِرچي نہ سگهيس،
اِهي عشق جا ٿِو احسان مڃان.

●

www.sindhsalamat.com

پيار ۾ تنهنجي ساگر - ڌارا.
او وڻجارا!
او وڻجارا!
(1) لَهر لَهر ۾ ڪئي لشڪارا.
او وڻجارا!
او وڻجارا!

تنهنجي محبت منهنجي جِيوت،
جيوت جي ڪا ناهي قيمت،
هيرا، موتي، سَستا سارا.
او وڻجارا!
او وڻجارا!

(1) لشڪارا: چِلڪارَ چمڪار.

www.sindhsalamat.com

تنهنجون ڳالهيون دل ۾ چمڪن،
منهنجي رڳ رڳ کي روشن ڪن،
ڏينهن جو سج تي رات جا تارا.
او وڻجارا!
او وڻجارا!

تنهنجون يادون، چر تي آڙيون،
ڳالهيون منڙيون گدرن – واڙيون،
منهنجون آسون ڪُنگُو تارا.
او وڻجارا!
او وڻجارا!

منهنجون مُندُن تڙپن تولئہ،
دل جا بادل روئن تولئہ،
ڪُوڪن تولئہ سانوڻ، سيارا.
او وڻجارا!
او وڻجارا!

تڙپي وقت ڪٽيندا آهن،
تنهنجي وات تڪيندا آهن،
روز نظارا روئڻهارا.
او وڻجارا!
او وڻجارا!

www.sindhsalamat.com

اپ ۾ روشن نَوَ لک تارا،
ڪاهڪشان جا چمڪن چارا،
تنهنجون اکڙيون ڏِينِ اشارا.
او وڻجارا!
او وڻجارا!

آفاقي ڳاڙهاڻ سَنڌي تي،
ساموندي نِيلاڻ سنڌُي تي،
اوڏهن، جيڏهن ڪي نہ ڪنارا.
او وڻجارا!
او وڻجارا!

آچارا استاد مُنجهي پيا،
تانگهڻ جا طوفان اتي پيا،
ڪي لهوارا ڪي اوُيارا.
او وڻجارا!
او وڻجارا!

•

www.sindhsalamat.com

# (1) الميو

دل جي درد جو ڪهڙو دارُون؟

آس نہ آهي ادڙي ڦاٽي،
ڪنهن هٿ سان آ ڪترئي ڪاٽي.
ڇا سبندنيون هي سيون ۽ آرون،
دل جي درد جو ڪهڙو دارُون؟

ڏُک ڏيک پيتم زهر نسورو،
جنهن ۾ ڳريل هو توتيو، شورو،
ڌهن ڦتيو تيو ٿُنگ ٽنگ تارون،
دل جي درد جو ڪهڙو دارُون؟

(1) الميو: دک درد جو داستان، دک درد ڀريو نظم.

www.sindhsalamat.com

عيدن تي ماتم مچي ويا،
ڪاڇن ۾ قتلام اچي ٿيا،
سهرن ۾ ڪيهون، ڪوڪارون،
دل جي درد جو ڪهڙو ڏارون؟

محلا مورچا مورچا ٿي ويا،
رستا رت جا ريلا ٿي ويا،
باهه جون ڪاهيون ٿيون بازارون،
دل جي درد جو ڪهڙو دارون؟

پيرن، مخدومن جي سامهون،
سيّدن سونهارن جي سامهون،
چا ته مريدن ڪاڍيون مارون،
دل جي درد جو ڪهڙو دارون؟

سرٽيون چوزن کي چائن ٿيون،
مچيون، مچين کي کائن ٿيون،
قومون، قومن سان ڪن ڪارون،
دل جي درد جو ڪهڙو دارون؟

تاريخن ڪان تاريخن ڪي،
تحريڪن ڪان تحريڪن ڪي،
ملنديون رهنديون آهن مارون،
دل جي درد جو ڪهڙو دارون؟

www.sindhsalamat.com

ٻانهن ٿُتي ها ڳنڍجي پوي ها!
جنگهہ پچي ها جُڙجي سگهي ها!
سَنڌ سنڌ ۾ هي ڏهہ ڏهہ ڏارُون،
دل جي درد جو ڪهڙو دارُون؟

رهبر ڊوها، ڊڄڻا ها ڪي،
شاعر نچڻا، ٻَڪڻا ها ڪي،
قوم هئي ڳِدري جون ڦارون،
دل جي درد جو ڪهڙو دارُون؟

پير خضر خود ٻيڙي ٻوڙي،
ڳالهہ ڪئي هُئي اوتر ڊوڙي،
چولي چولي تي اوچِنگارون،
دل جي درد جو ڪهڙو دارُون؟

ڪمپيوٽر آ، ڪن جي هٿن ۾،
مارُو منهنجا پنهنجي پَڪن ۾،
ڪانگ اڏارِن، پائن ڦارُون،
دل جي درد جو ڪهڙو دارُون؟

هُشياري هالار لُڏي پيو،
لاڙ، سرو، ٿر، پار ٻُڏي پيو،
رات مڪيون تاريخن ٻارون،
دل جي درد جو ڪهڙو دارُون؟

www.sindhsalamat.com

عاجز کي اعجاز بنايون،
قاز، ڪبوتر، باز بنايون،
ڪلڪ، قلم ٺٺي تير، ترارُون،
دل جي درد جو ڪهڙو دارُون؟

چولين ڪان پچ، تارن ڪان پچ،
رستن، چٺونڪن، چارن ڪان پچ،
پوڙهن، جوانن، ٻارن ڪان پچ،
يارَ بخاري پارن ڪان پچ.
هن ڌرتيءَ جون پيڙ - پچارون،
دل جي درد جو ڪهڙو دارُون؟

www.sindhsalamat.com

## رزميو (1)

اِهي ڪير آهن؟
اِهي ڪير آهن؟
اِهي جوڌا، ڳوڌا، سنڌي شير آهن،
اِنهن جا زماني ڇُميا پير آهن.
اِهي ڪير آهن...

ڪِرن تا تہ ڪَرَ تي ڪِنوڻ تي ڪِرن تا،
اٿن تا تہ در در تان اوتر اُٿن تا،
ڏُڪن تا تہ نئن گاج بنجي ڏُڪن تا،
هُو تارا پُڇن تا،
هي چارا پچن تا.
اِهي ڪير آهن...

(1) رزميو: جنگي نظم – جنگي داستان.

www.sindhsalamat.com

چنگھون سنگھرن ۾ مگر هٿ حقن ۾،
ترارون بدن ۾ اتن اک پکن ۾،
ڪِريا چئو نہ ڪونڌر؟ وِڌن ٻَک وطن ۾،
ڏاڍا چِيڙھا ويڙھا،
تائين جِيت جھيڙا،
اِهي ڪير آهن...

هو ڪندا بہ هوڙي هي جوتا بہ هوڙِي،
هو پاهڻ بہ هوڙي هي تيشا بہ هوڙي،
هو ڄابر بہ هوڙي هي جوڌا بہ هوڙي،
اي ايڏا هوڙي،
ڏَمان جِن آ ڏوڙي،
اِهي ڪير آهن...

اِهي جن ڪان پرمار پهرن ۾ چرڪي،
اهي جن ڪان ڌهڪار تاڻن ۾ تڙڪي،
اهي جن ڪان خونخوار خوابن ۾ لرزي،
اکيون شعلا – شعلا،
بازو پالا – پالا،
اِهي ڪير آهن...

www.sindhsalamat.com

ڀِٽائيءَ جا ڀائر، عنايت جا ڀاتي،
”ماياڪو“ جا مائٽ، ’ماٺوزي‘ جا ساٿي،
جي آجا تہ راڳي، جي باندي تہ باغي،
ميلي ۾ جمالا،
جهيڙي ۾ جولا،
اِهي ڪير آهن...

هي پوتيون هي پٽڪا بہ بنجن ٿا جهنڊا،
هي وڻ وڻ جا جهڳٽا بہ بنجن ٿا جهنڊا،
هي اُڏندا پَرندا بہ بنجن ٿا جهنڊا،
هيڏان هوڏان جهنڊا،
جيڏان ڪيڏانهن جهنڊا.
اِهي ڪير آهن...

هي قطرا هي دريا هي ساگر سگهارا،
هي جهٽونڪا هي جهولا هي اوٺر سگهارا،
هي ڳيرو هي پوڙها هي لشڪر سگهارا،
هٿن ۾ هٿوڙا،
ڪلهن تي ڪهاڙا،
اِهي ڪير آهن...

www.sindhsalamat.com

اهي جيڪي تقدير جي ڪن حفاظت،
اهي جيڪي تدبير جي ڪن قيادت،
اهي جنهن تي ڪڙڪن ته بنجن قيامت،
مقدّر جا مالڪ،
تدبّر جا خالق،
اِهي ڪير آهن...

لِڪي تِير، تلوار، تارِيخ جن جي،
لڳاتار جهونجهار تحريڪ جن جي،
ڪئي سرخ سنسار تصديق جن جي،
اقوام مُتحد،
۽ آهي رڌ ڪد،
اِهي ڪير آهن....

ڪي ڪڙمي، ڪي ڪاري ڪي فرهاد آهن،
ڪي عالم ڪي شاعر ڪي استاد آهن،
هي فرياد خود پاڻ خود داد آهن،
اڳي ها عذابي،
هاڻي انقلابي،
اِهي ڪير آهن، اِهي ڪير آهن؟
اِهي ڪچي، ڪاچي پَليا شير آهن،
انهن جا زماني چميا پير آهن.

●

www.sindhsalamat.com

هَئہ هَئہ هھڙو هيلُ،
ويلو، گذري ويندو.

سانگَ سَرءَ جا، نانگ اَرء جا،
گھٽ گھٽ تي گھوڙيل،
ويلو، گذري ويندو.

ڪَچ اَچ ڪاچو، ڪارو پاچو،
مُنذل آهي ميلُ،
ويلو، گذري ويندو.

www.sindhsalamat.com

هائِيءَ هاٺا، تِچڪن ٽاٽا،
جيون جهڙو جيلُ،
ويلو، گذري ويندو.

پريت پيڙايا ماڻهو پيارا،
توڙي نڪري تيلُ،
ويلو، گذري ويندو.

ڪُتِجن ڪُوڪَٽ، لُتجن لولهٽ،
داد – ڏٽي ڏاڙيل،
ويلو، گذري ويندو.

سوليءَ سلجڻ سولو ناهي،
ڪلجڻ ناهي ڪيلُ،
ويلو، گذري ويندو.

ڳوڙها اگهندا سورج ڪرڻا،
رات رُنو رابيل،
ويلو، گذري ويندو.

اڄڪلهه آ، استاد اسانجو،
مهڻن سان مُنهن ميلُ،
ويلو، گذري ويندو.

●

www.sindhsalamat.com

رنگ ڏِسندي هِي زمين کي، جان فِدا ڪرڻي جو پئي،
دنگ رهجي آسمان ويندو، وفا ڪرڻي جو پئي.

پهچبو سڀ ڪجهہ سهائي منزل – مقصود وٽ،
ڳالهہ پنهنجي دوستو، اڳتي پلا ڪرڻي جو پئي.

عاشقي ۾ عيب آهي جو نتيجي ڏي ڏسون،
اڄ تہ بسم اللهِ ڪريون، ابتدا ڪرڻي جو پئي.

هر قدم تي هڪ همالو آ، هٽائيندا هلو،
راهہ پوين لاءِ همراهو، صفا ڪرڻي جو پئي.

وار وار آهي اُيو ۽ قطرو قطرو هوشيار،
انقلاب – وقت تنهنجي مرحبا ڪرڻي جو پئي.

فرض للڪاريو تہ سنڌڙي تي سڏي، هلندؤ جوان،
بس اٿي استاد بينس، تا ۾ تا ڪرڻي جو پئي.

●

www.sindhsalamat.com

(1) هن ڌرتيءَ جو تون آهين ڌڻي،
جي ڳالهه ڳٽي - جي ڳالهه ڳٽي!

ٻُڌ، اولهه، اوير ڇا ٿو چوي،
ٻُڌ، سنڌو، ساگر ڇا ٿو چوي،
ٻُڌ، لاڙ، سرو، ٿر ڇا ٿو چوي،
ٻُڌ، دڳ دڳ، در در ڇا ٿو چوي.
هن ڌرتيءَ جو تون آهين ڌڻي،
جي ڳالهه ڳٽي - جي ڳالهه ڳٽي!

هو ڪونو - ڪونو تنهنجو آ،
هي چنئرو - چنئرو تنهنجو آ،
دهه دِهه تي قبضو تنهنجو آ،
تاريخي ڪاتو تنهنجو آ.
هن ڌرتيءَ جو تون آهين ڌڻي،
جي ڳالهه ڳٽي - جي ڳالهه ڳٽي!

(1) هِن نظم کي هتي وڌائي وڏو ڪري لکيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com

اسين جوڌا، مات نہ مڃينداسين،
اسين شعلا، ٻاٽ نہ مڃينداسين،
اسين چيتا، ڊپ نہ چرنداسين،
اسين دودا، سِنڌ نہ ڏينداسين.
سڀ ٻيٺا آهيون هامَ هڻي،
جي ڳالهہ ڳٽي - جي ڳالهہ ڳٽي!

سوراج سجايون، ڪاچ مچي،
بيداد پچايون، داد ٻچي،
ڌُڪار ڏڪايون، ڊوهہ ڊڄي،
هر ظالم ڏڙ ڪي ڌوڙ ڪجي،
هر پاپي ٻنجي پير - پٽي،
جي ڳالهہ ڳٽي - جي ڳالهہ ڳٽي!

ڪو نغمن جي قرباني ڏئي،
ڪو هنرن جي قرباني ڏئي،
ڪو آنَ، ڌن جي قرباني ڏئي،
ڪو تن، من جي قرباني ڏئي،
هن ڌرتيءَ جو تون آهين ڌٽي،
جي ڳالهہ ڳٽي - جي ڳالهہ ڳٽي!

www.sindhsalamat.com

ماحول چيو، اڄڪلهہ تي لڪ،
ٻڙدول چيو، هلچل تي لڪ،
تاريخ چيو، جل ٿل تي لڪ،
جي لڪٽو ٿئي جيجل تي لڪ،
پَوُ آدڙن کي استادَ وٽي،
جي ڳالهہ ڳٽي – جي ڳالهہ ڳٽي!

●

www.sindhsalamat.com

هِن ڀُونءِ جي سهڻين پيندن تان،
مان گهور وڃان، مان گهور وڃان.
گلشن تہ چڙيو پر ڪک، پن تان،
مان گهورُ وڃان، مان گهور وڃان.

موتين ڪان مٿي، هيرن ڪان مٿي،
مُلهہ تن جو سگهي ٿو ڪير ڪَٿي،
موهن جي ٿُلهن چا نڪرن تان.
مان گهور وڃان، مان گهور وڃان.

ڏُک ڏک تُنهنجو امرت اوتي،
وِک وِک تنهنجي جِيوَت پوکي،
او سِنڌو تنهنجي قدمن تان،
مان گهور وڃان، مان گهور وڃان؛

www.sindhsalamat.com

جي ديس جي ڌرتي ماءُ مڃن،
پُون – ڄايو سنڌي پاءُ مڃن،
تن پنهنجي پيٽن، پاوَن تان.
مان گهور وڃان، مان گهور وڃان.

جي لويون تَر جي لڄّ رکن،
جي ڀهڳڻ پَٽ جي پڳ ٻڌن،
تن پُختين پوتين، پٽڪن تان.
مان گهور وڃان، مان گهور وڃان.

جي پيڙهين کان هِت پلجن ٿا،
۽ ڏوهہ انهيءَ ۾ ڏنيجن ٿا،
تن بيڏوهن جي ڏوهن تان.
مان گهور وڃان، مان گهور وڃان.

جي سِرُ ڏئي روشن سجّ ٿيا،
جي آزاديءَ جو ٻجّ ٿيا،
تن سورهيہ سنڌ – شهيدن تان.
مان گهور وڃان، مان گهور وڃان.

جي جنمن جو ٿا جوش رکن،
جي هِن سَن جو ٿا هوش رکن،
تن غيرت مند غيورن تان.
مان گهور وڃان، مان گهور وڃان.

www.sindhsalamat.com

جي اُپڙڻ لاءِ اُپاءُ ٿا ڪن،
جي پنهنجا پاڻ بچاءُ ٿا ڪن،
تن شهرن، ڳوٺن، ڪوچن تان.
مان گهور وڃان، مان گهور وڃان.

هو آهن فوج عواميءَ جا،
ٿا توڙن طوق غلاميءَ جا،
هن قوم جي باغي ڪَنڪن تان.
مان گهور وڃان، مان گهور وڃان.

”ڏاڍو - گابو“ مرڻو آهي،
”جيئو، جيئڻ ڏيو“ جيئڻو آهي،
امن، امان جي نعرن تان.
مان گهور وڃان، مان گهور وڃان.

جي ساڻوڻ ۾ درياهه لڳن،
جي سياري ۾ آڙاهه لڳن،
استاد انهن جي تَن مَن تان.
مان گهور وڃان، مان گهور وڃان.

●

www.sindhsalamat.com

مان باغي آهيان، هُو باغي!
گهر گهر تو وڃي گُهوگُهو باغي.
او ظالم، تنهنجي ظلمن کان،
انگولا کان دادو باغي.
مان باغي آهيان، هُو باغي...

دوکن کان منهنجو مَن باغي،
ڦٽڪن کان تنهنجو تن باغي،
او قاتل، تنهنجي خڪمن کان،
هِن قوم جو هرهڪ ڪَن باغي،
جيئن چِپّين جهڙين لُڪّن کان،
هِن گلشن جو پن پن باغي.
مان باغي آهيان، هُو باغي...

www.sindhsalamat.com

جهر جهنگ اٿيا جوڌا باغي،
در در تي گجيا دودا باغي،
ٽوڙن ڇور اسان ياڳيا آهيون،
اوندهہ جي پنيان شعلا باغي،
او انڌ، پڇي ڪاڏي پڇندين،
هر هنڌ ڪندءِ حملا باغي.
مان باغي آهيان، هُو باغي...

ڀونچال بخاري ٽيٽو آ،
طوفان بڻيا ٿئي هي باغي،
بيداد جي گندن لاشن لاءِ،
شمشان بڻيا ٿئي هي باغي.
انسان جي سچّن حقّن لئہ،
اعلان بڻيا ٿَئي هي باغي.
مان باغي آهيان، هُو باغي،
گهر گهر ٿو وڃي گهُوگهو باغي.

●

www.sindhsalamat.com

توسان گڏجي جهومي هوندي!
توکان وڇڙي تڙپي هوندي!
پاڻيءَ ريءَ جڻ ڪُرڙي هوندي!
ڳول ڳجهارت، هيءَ شئي ڪهڙي؟
منهنجي دردي دلڙي هوندي!

عيدَ ڏهاڙو دهل وڄي پيو،
موج ۾ سارو شهر مچي پيو،
توريءَ رَتُ پئي رئندي هوندي.
ڳول ڳجهارت، هيءَ شئي ڪهڙي؟
منهنجي دردي دلڙي هوندي!

www.sindhsalamat.com

مارئيءَ سان گڏ ڪوٽ ڪٽي پئي،
سُهٽيءَ سان گڏ سِيرَ ٽپي پئي،
سسئي سان گڏ سهڪي هوندي.
ڳول ڳجهارت، هِيءَ شئي ڪهڙي؟
منهنجي دردي دلڙي هوندي!

(1) گوليون برسيون توڙيءَ ڏاري،
(2) مارُو ماريا موريءَ ڏاري،
ٻُڏندي هُوءَ پئي ڦٽجي هوندي.
ڳول ڳجهارت، هِيءَ شئي ڪهڙي؟
منهنجي دردي دلڙي هوندي!

هڪڙو زبري ظالِم ڏاران،
۽ ٻيو ڪوڙي عالِم ڏاران،
هڙنيءَ سان همدردي هوندي.
ڳول ڳجهارت، هِيءَ شئي ڪهڙي؟
منهنجي دردي دلڙي هوندي!

●

(1) توڙي ڦاٽڪ وٽ سنڌي شاگردن تي فوجي هٿياربند حملو.
(2) ڪيسانہ موريءَ جو ڦهري واقعو.

www.sindhsalamat.com

دَور جي ڪشمڪش ۾، هوشَ جاڳيا اسانجا،
تَنبن جيالن لڪن ۾، جوشَ جوڏا اسانجا.
جوش، جوڏا اسانجا.

زمين، آسمان آهي شاهد،
ٻُڌي چڙ او غدّار غاصب!
سڄي سنڌ جو چَپّو چَپّو، شهر سارا اسانجا.
جوش، جوڏا اسانجا.

ڇِڙي جنگ حقَن جي آهي،
هو ڏاريو ٿو ڌرتيءَ تي ڪاهي،
اڳيان چور ڳٺچور آهي، پويان پاڳيا اسانجا.
جوش، جوڏا اسانجا.

www.sindhsalamat.com

نہ ٻڪريون نہ هرڻيون نہ ڦاڙها،
هي همراهہ جهونجهار هاڙها،
تو ناهن مسافر سچاتا، شينهن چيتا اسانجا.
جوش، جوڌا اسانجا.

هي ٻَمبُو ۾ لڪڙا بہ جهنڊا،
هي وڻ وڻ جا جهڳٽا بہ جهنڊا،
هي پوتيون ۾ پَٽڪا بہ جهنڊا، جاچ جهنڊا اسانجا.
جوش، جوڌا اسانجا.

ميون تا مُهاڏو وڏو آ،
مگر تنهنجو لاڏُو لڏو آ،
اسانجو صدين ڪان آڏو آ، پيرَ پختا اسانجا.
جوش، جوڌا اسانجا.

وڏو حوصلو رکٽو آهي،
يڪو فيصلو ٿيٽو آهي،
وِڙهي حقّ استاد وٺندا، ديسَ - دودا اسانجا.
جوش، جوڌا اسانجا.

●

www.sindhsalamat.com

آهي ڪو آواز، اٿاري سُتلن کي؟
جاڳو، جاڳو!!
آهي ڪو اعجاز، جياري مُئلن کي؟
جاڳو، جاڳو!!

آهي ڪو اتساهہ، وجائي دَر دَر کي؟
آهي ڪو الله، مچائي محشر کي!
جاڳو، جاڳو!!

آهن َڪي اڳواڻَ، جي ڳڻجي گوڙون ڪن؟
آزادي اعلانَ، ٿيون سوين ڪوٺون ڪن.
جاڳو، جاڳو!!

تارا ڦاڙي راهہ تڪن ٿيون تاريخون،
تُنهنجي منهنجي جند ُجهنجهوڙن تحريڪون.
جاڳو، جاڳو!!

شاگردو، استادو، ڪسانو، مزدورو،
مرضيءَ جا مختار بہ آهيو مجبورو!
جاڳو، جاڳو!!

www.sindhsalamat.com

ڪير ٻُڌي فرياد، زمانو پوڙو آ.
شاد هجو ناشاد، زمانو پوڙو آ.

محرم ماهہ رسالو هرڪو، ماتم آهي مواد.
زمانو پوڙو آ.

چربٽ راجا پاڻ مري ويو، پاري ويو بيداد.
زمانو پوڙو آ.

پيريءَ کان پاناما تائين، يونءِ سڄي بغداد.
زمانو پوڙو آ.

دهشت زندهہ باد آتو ۾، هئہ ڙي حيدرآباد.
زمانو پوڙو آ.

www.sindhsalamat.com

تدبيرون، تقديرون، ساريون، بزدل جون برباد.
زمانو ٻوڙو آ.

رهبر ٿو روبوٽ لڳي پيو، ڦهمرَ ٿيو فولاد.
زمانو ٻوڙو آ.

جوڏن جا سِر، سَنڌ ويندي، جهومي ٿو جلاّد.
زمانو ٻوڙو آ.

امن لِڪي ڪنهن ڪنڊ ۾ پٽڪي، ظلم ٻڪي آزاد.
زمانو ٻوڙو آ.

روزانو ٿي ناد وڄن ٿا، شاگرد ۽ استاد.
زمانو ٻوڙو آ.

●

www.sindhsalamat.com

# (1) هَلو هَلو لوءِ لوءِ...

هَلو هَلو، لوءِ لوءِ، هَلو هَلو...
جِئون، جياريُون، سانگي، سينگاريون، ڳِلي ڳِلي، ڳلو- ڳلو.
هلو هلو...

رڳون رباب ٿي، وڳيون شباب جون، تني، ٿڌي تند - تارون،
ڳالهيون ڳنوارڪيون، ٻوليون ٻروچڪيون، جِتي ڪِتي جهونگارون،
مِلي جُلي ماڳ جو ڳايون موروچَلو.
هلو هلو...

سسئي نسنگ ڪي، امنگ ڪي، جِتان ڪِتان دَرَ، دڳَ،
ڪهندا ڪوهيار ڏي، وَهندا ولهار ڏي، وَڏن جَتن جا وڳَ،
ڳُڏيو هلي گامَ گامَ پنهنجو هِي ڳلو.
هلو هلو...

آتي استاد ڏي، ماندي مشتاق ڏي، مُحبن مُڪيون نيشانيون،
سوچُون سَچُون اُهي، ياريُون پَڪيون اُهي، جيڪي ڏِين قربانيون،
جيڪي مَلهيو ماڳ لئہ اُهو ڀَلو ڀلو.
هلو هلو...

●

(1) ڪاري: تکو اوزار – تکو ڏڪ – اٿرائتو ڏڪ.

www.sindhsalamat.com

روئي روئي ڪڪرن وانگر، ڪيتن وانگر ايري اتي پئہ!
وتجي سنجي ساگر وانگر، لهرن وانگر الري اتي پئہ!

عمر گذاريئہ پول پرمر ۾، شان لُٽايءِ لڄ شرمر ۾،
ادڙي هيٽن ڪپڙن وانگر، نانگن وانگر اگهڙي اتي پئہ!

ماضيءَ ڪان مستقبل تائين، منزل ڪان بي منزل تائين،
تڙپي زندهہ تاريخن جان، تحريڪن جا تُندري اتي پئہ!

هيءَ جا ڪالهہ ڪان لُڪ لڳي پئي، تنهنجي اکِ ۾ ڪک وجهي پئي،
ٺمڪي ٺمڪي ٽانڊن وانگر، باهہ جهجڙ تي پڙڪي اتي پئہ!

تنهنجي سِر ۾ سُور سٿيا ويا، تنهنجي بُتّ ۾ بَمّ پريا ويا،
اجڙي ڪئمپ جان چوري چوري، اوچتو زوري زوري اتي پئہ!

آزادي آواز ڪري ڇڏ، انساني اعجاز ڪري ڇڏ،
تنهنجو مچان پرواز بخاري، پڇري سوڌو اڏري اتي پئہ!

●

www.sindhsalamat.com

# ... لڄ مران!

سڌڪن سنڌ - سچار، ڪِلندي لڄ مران،
مِهڻن منجهہ جمار، جيئندي لڄ مران.

ساگرَ آڳ لڳايان، ڏونگر ڏوهہ ڏڪايان،
بلڪل شير ببر ٿي، مچري گوڙ مچايان.
زالن وارا پارَ،
ڪيندي لڄ مران.

ڳاڙها ڳيرو ايريا، جذبا تَڪرَ بري پيا،
زورن ظلمن وارا، ڪوڙا ڪڪر وسي پيا.
قيدي ڪنڌ هزار،
گهمندي لڄ مران.

www.sindhsalamat.com

قومي جلسن ۾ ڪي رتورت گيت ڳجن ٿا،
رتورت گيتن ۾ ڪئي لَت پت لفظ لچن ٿا،
پهچو پهچو پڪار،
نچندي لچ مران.

شهرن منجهه وِهاڻ، مانيون، پوڙ، پلاءَ ها،
اوبر ڍير گهٽين ۾، ڪائن ڪانگ، ڪُتا پيا.
ڏهرن منجهه ڏُڪار،
رچندي لچ مران.

مان جو ڪوسو جهولو، گذران رِيت تتيءَ تان،
پڄري پڄري آخر، تنهنجي در تي پهچان.
توسان بوءِ بهار،
ملندي لچ مران.

توکي ڪيئن پڏايان، نغما منهنجا نالا،
سوچون منهنجون شعلا، جملا جهڙا پالا،
پوپٽ پر تي بار،
رکندي لچ مران.

جاني جلدي جلدي، جهٽ ڪر مونکي مِني ڏي،
جيئڻ ڪارڻ جيڏي، هوڏي جنگ ڇِتي ڏي.
ڪوئن بيٺا يار،
وِهندي لچ مران.

موتي چاهه چمڻ لئي، سرتي آءٌ سڪان تو،
ڪونين بيني مِنڙي، پر مان ڪيئن وران تو؟
سامهون تِيرَ، ترار،
ورندي لَڄ مران.

تُنهنجي هَٿ ۾ تاري، تاريءَ اندر شعلا،
ماڻهوءَ گهرجي ماني، ۽ تون آچين گولا،
توڏي او سنسارَ،
ڏسندي لڄ مران.

ناگاساڪيءَ وانگر، ٻيا بي شهر ٻري ويا،
شاهد ڪئمپ شتيلا، ماڻهو ٻُڪَ مري ويا.
ٻِليون، ڪتيون، ٻارَ،
ڪُهندي لڄ مران.

ڦُوندا ڦوندا ٿي ويا، جن جي مَن جا نقشا،
پِيلا، نِيلا پڏرا، جن جي مُنهن تي پاچا،
تِن کان پيڙ پچارَ،
پڇندي لڄ مران.

چِپ چِپ سيني لايان، ناهيان نهر جبل جي،
وڻ وڻ ياڪر پايان، ناهيان واٽ جهنگل جي.
جنهنڪي تنهنکي هارَ،
وجهندي لڄ مران.

www.sindhsalamat.com

تنهنجي لاءِ جيان تو تنهنجي ڪاڻ مران ها،
هي سِرُ گهور ڪريان ها، توتي پوءِ نران ها.
مون تي آهي ميار،
مرندي لڄ مران.

تو ۾ سرڪش، منشي، باغي، شيخ، بخاري،
ايڏو انڌ انڌيرو، تو ڇو باهه نہ ٻاري،
توتي دور ميارَ،
ڏيندي لڄ مران.

www.sindhsalamat.com

نہ ڇي دل عقابي، نظر ڇا ڪري،
جگر ڪانسوا اک اثر ڇا ڪري.

پڪا پير ناهن تہ گهوڙو تنو،
ٽڪي پانهن ناهي، تبر ڇا ڪري.

عذاب آهي دولت وڏي، دل ننڍي،
دنير پاڻ ڪيري تہ ذر ڇا ڪري.

ڏنا ديس - دودا، ڏيان ڏڏ ڇا،
ڏري ڏار پيازي، ڇپر ڇا ڪري.

www.sindhsalamat.com

ڪتيءِ ٻاٽ، تارا ڪُنا، پئون ڦُتي،
ڪڪر تي ڪتڪ ويا، سحر چا ڪري.

قفس، ڏور، ڪئنچون رقيبن گهڙيون،
پرين – پريت تڙپيم، پر چا ڪري.

ڪيئين ڪلڪ ڪاري ڪٺاري ڪتي،
بخاري مياري، مگر چا ڪري.

www.sindhsalamat.com

نسورو زهر ٻي ڏيکار، پو مڃجي،
اهو ٻي، ٻو ٻہ جي ڏيکار، پو مڃجي،
ٻچين ٽو پيو ٻچين ٽو پيو تہ چا ٽي پيو،
انهي مڃ ۾ نچي ڏيکار، پو مڃجي.

●

www.sindhsalamat.com

ڏڏي ڏرتي، ڪريا ڪنگرا تہ ڏينگر ڏار نچنداسين،
اٿيو اوٿر، چليون چوليون تہ آر ۽ پار نچنداسين.

همرچو، وقت هوڪاري، جمالا، جهنگ جهر ڳائي،
چنجوڙون، چنگ تي ڪهسار ڪان ٿر پار نچنداسين.

وڳيون ڪنوٽيون، ڪڪر واڄا، ڪٽيون ڇم ڇم، هوا لاڏا،
اسين گڏجي گل ۽ گلزار تي نروار نچنداسين.

www.sindhsalamat.com

وڃائي خنجريون واعظ، تکيون تاڙيون هٽي ناصح،
مچائي محتسب محفل ته پو لاچار نچنداسين.

وهان قاتل چوءِ چاچي گورکن، کن ڪاڄ قاصائي،
لکي قاضي، سڏي ڪوتار اڄ فنڪار نچنداسين.

فلاٺو تو فلاٺي وٽ نچي ۽ هو هُتي هُن وٽ،
اسان دلدار سان گڏجي يقيناً يار نچنداسين.

نچيو منصور، سرمد خود، نچڻ ناڳن جو ڪم آهي،
ڪرايو دار کي سينگار، بنجي ڪنوار، نچنداسين.

ڪڏهن ڏن ڪن فڪان واري، ڪڏهن ڏن قم باذني جي،
ڪٿي مجبور نچنداسين ڪٿي مختار نچنداسين.

مَسيتون سڀ مُلن واريون، مڪان آهن ملنگن جا،
اسين صوفي بخاري سو سير - بازار نچنداسين.

www.sindhsalamat.com

ڏيل ڏسڻ سان ڏڪڻي ورتئہ، آمر اندر اڳتي آهي،
واچوڙيٰ ۾ هوش ڦري ويئہ، اڻ جهل اوتر اڳتي آهي.

مينهن وسي ٿو قطرا قطرا، ڊنڊون ڊورا ٻخرا ٻخرا،
منڇر ڪي ٿو ماپين ٻينو، سنڌو، ساگر اڳتي آهي.

ٿوري ايڪپريءَ تي چڙهندي ايساهي ٿي پئي آ توڪي،
پڌريٰ پٽ تي تيز ٿو ڪائين، اوجهڙ اوکر اڳتي آهي.

دوزخ چا تخريب تہ آهي جنت پئي تعمير ٿئي،
آدم خود يزدان ٿئي پيو اعليٰ اوسر اڳتي آهي.

هو مندر تي موهت ٿي پيو هي مسجد وٽ رڪجي ٻينو،
وڏندو هل استاد بخاري، دلبر جو در اڳتي آهي.

www.sindhsalamat.com

وڃ، وڃي پڃ پيالا – پيالا،
تر جي تجّ ملهاءِ ساتي!
تر جي تج ملهاءِ ساتي!

گهنگهر اندر جر تر سوِگها،
گهر گهر ڪَي مچراءِ ساتي،
تر جي تج ملهاءِ ساتي!

ڀُونءِ تئي پئي ياڱا ياڱا،
غير هٽن تا وڃ ۾ راڱاً،
ڳولي ڦولي هھڙا هاجاً،
هائيءَ منجهہ هٽاءِ ساتي!
تر جي تج ملهاءِ ساتي!

www.sindhsalamat.com

ڇهنگن ڪي زنجير ٻجهي ويا،
ڪهسارن ڪي ڪير لڳي ويا،
ڏنڊون، ڏورا، ٻحر ڄمي ويا،
ڇولين ڪي ڇڏراءِ ساٿي!
تر ڇي تيج ملهاءِ ساٿي!

وڪ وڪ ويري، روڪون، رولا،
ڪاري واري ڪوسا جهولا،
ڏرتي ٽامون، واٽون شعلا،
ڇر مان ڇڄ لنگهاءِ ساٿي،
تر ڇي تيج ملهاءِ ساٿي!

ٻريت باغ ٻناٿن ڇاهيان،
جي استاد آرائين آهين،
وڻ وڻ ير هڻ سيوڏيون اوڏون،
ڏنگا ڏار وڍاءِ ساٿي،
تر ڇي تيج ملهاءِ ساٿي!

www.sindhsalamat.com

سمنڊ اٿلي، جبل جَرجلا،
ظالمن لئہ ٿيو زلزلا.
زلزلا - زلزلا!!

هو تہ ڏِس ڪيئن بيٺا ڏڪن،
ڀُوت، راڪاس، راوڻ بلا!
زلزلا - زلزلا!!

تنهنجي ٻيءَ کي هنيئون هٿڪڙيون،
تون تو ڀائين او ڇورا ڇلا!
زلزلا - زلزلا!!

www.sindhsalamat.com

ڪوڙ انسان، حيوان ٿي،
روز ڪائن ٿا ڪيڏا ڪلا،
زلزلا - زلزلا!!

چو نہ ٿا انگ ڍڪجن ننگا،
هيل ٿيا وونٽڻ ڏاڍا پلا،
زلزلا - زلزلا!!

انقلاب آ، يا طوفان آ؟
ڏوڙ ٿي ويا پُتا پرجهلا،
زلزلا - زلزلا!!

وقت استاد پيدا ڪيا،
ولولي ٿي نوان ولولا،
زلزلا - زلزلا!!

●

www.sindhsalamat.com

نانگ، وڇون ۽ ويري، ڳالهه مڙيئي هڪڙي،
ٿانڌا، ڪوئلا، ڪيري، ڳالهه مڙيئي هڪڙي.

تر ۾ امن. مري يا، گهر ۾ غير گهري يا،
ڳاري ڦاسي ڳيري، ڳالهه مڙيئي هڪڙي.

منهنجي آجي رڳ رڳ، تنهنجي ساري لڳ پڳ،
گهنگهر آهي گهيري، ڳالهه مڙيئي هڪڙي.

www.sindhsalamat.com

هڪڙو آڻ هوندائي ۽ ٻيو ڳهڻ هوندائي،
وک وگ باهہ وکيري، ڳالهہ مڙيئي هڪڙي.

ديول، مندر، مسجد، اولهہ، اوپر ۽ وچ،
هيڏي هيري ڦيري، ڳالهہ مڙيئي هڪڙي.

رَت ۾ توڙي سَت ۾، ڏِک ۾ توڙي وِک ۾،
ڪولهي، شاهہ، کهيري، ڳالهہ مڙيئي هڪڙي.

مرندا سڀ پرماري، ايندي عيد بخاري،
ٻوها تيندا ڍيري، ڳالهہ مڙيئي هڪڙي.

●

www.sindhsalamat.com

اُجهڻ ڪان مچڻ ۾ مزو ٿو اچي ڙي،
ججهڙ ٿي جيئڻ ۾ مزو ٿو اچي ڙي!

هجي ڏَئو ته مئو ۾ هٽون ڪونگهرا ڪي،
لنگهڻ ڪي لڇڻ ۾ مزو ٿو اچي ڙي!

مُئي ماتِ آهي ڪُئي قوم پنهنجي،
مچي ڪو ممڻ ۾ مزو ٿو اچي ڙي.

گهُرون چو گبر ڪان وتون حقّ گهوگهي،
پِنڻ ڪان چنڻ ۾ مزو ٿو اچي ڙي.

www.sindhsalamat.com

ٻنين لئہ ونين لئہ، وطن جي حدن لئہ،
حقن لئہ وڙھڻ ۾ مزو ٿو اچي ڙي.

ڪُوَقتو ڪُريتو نہ ٿو موت گھرجي،
مھل تي مرڻ ۾ مزو ٿو اچي ڙي؛

اسين ارتقا جا پڪا عاشق آھيون،
ورڻ ڪان وڌڻ ۾ مزو ٿو اچي ڙي.

گھرڻ سان گھرن جي قسم قرب جو آ،
اُنھن سان مِلڻ ۾ مزو ٿو اچي ڙي.

مِلي امن انصاف سڀ کي بخاري،
تہ جھومڻ، نچڻ ۾ مزو ٿو اچي ڙي.

●

www.sindhsalamat.com

ذڪاري رڳو منهنجي دل تون نہ آهين، سڄي ڀرتوي تي پريشان آهي،
ڪيو ڪنهن تہ بيداد بغداد توسان، تتي تنهنجي لئن لئن ۾ لبنان آهي.

تونِ وارن جي وڪڙن ۾ وچڙي وئي آن، هو وهمن ڇي ڪڪرن مان نِڪتي ڪٿي آ،
تون نظرن جي تيرن ۾ تڙڀي پوين ٿي، هو نفرت جي تيرن جو نيشان آهي.

نہ "ڇوڇا" ڇهيو تئي نہ سچ پچ چميو تئي، تڏهن پيو محبت، مصيبت چوين تون،
هي سورن جو سامان سمجهين ٿو ساٿي، جي سوچين تہ دردن جو درمان آهي.

www.sindhsalamat.com

نہ پورب سان پيچَر نہ زخمن سان مرهم، ملي ٿو چوي ٿو تہ تنهنجو وجي ڇا؟
نہ مون سان ملئين تون نہ توسان مليس مان، اصل ۾ اهوئي تہ ارمان آهي.

سمندر جي تر ۾ مِلي لئي ڪريون ها، لڇون ها مڇي پئي مڇي کي ڳهي ها،
همالي جي چوٽيءَ تي پهچي نچون ٿا، پَڇُون ها تہ بيروت شمشان آهي.

جو پرمار جهڙا وڏا پر رکي ٿو، جو ڪوراڙ وانگر وڪڙ وَرَ وجهي ٿو،
اسانِ عاشقن جو انهيءَ سان مهاڏو، اهوئي تہ دلبر جو دربان آهي.

ڇَپي ڇور ڇوليون کي ڳالهيون ڳجهيون ڪن، لِڪي زور لهرون ٿيون ڇاتيون اپيون ڪن،
هوائون لڇن ٿيون، ڪنارا ڪڇن ٿا، ايئن ئي تہ اتندو ڪو طوفان آهي.

حقير احقر آدم، عظيم اعظم آدم، ٻچي زخم آدم، مَکي مرهم آدم،
هي نادان، داناءُ انسان ٿي پيو هڪ ئي وقت شيطان يزدان آهي.

ڪُڇان لات ڪَنجي، لڇان ذات ڏنيجي، پنان پو خوشيءَ جي ڪا خيرات پڙبي،
لڳاتار خوددار استاد تڙبي، هي جِيون ڪتي هي تہ جيئدان ٿيو.

●

www.sindhsalamat.com

رهيو باقي ميخانو، ان جون پتيون،
بندوقن، بمن سان اڏائي ڇڏيو.
اٿين ٿي نہ سگهندو، اٿين ٿي نہ سگهندو.

هٿن ۾ ڪڙا، ڪير توڪيو اڳو پو،
پياڪن جا منهن ٿي سبائي ڇڏيو.
اٿين ٿي نہ سگهندو، اٿين ٿي نہ سگهندو.

www.sindhsalamat.com

ڪجين جون قطارون ڪٽائي ڇڏيو، ٥
انگورن جون پاڙون پٽائي ڇڏيو.
ائين تي نہ سگهندو، ائين تي نہ سگهندو.

گهگهيون، دنگ، جونگا پچائي ڇڏيو،
ڪنيارن جون ٻانهون وڍائي ڇڏيو.
ائين تي نہ سگهندو، ائين تي نہ سگهندو.

سچو لوڪ سُوريءَ تي چاڙهي جلادو،
رڳو پاڻ پنهنجو پڏائي ڇڏيو.
ائين تي نہ سگهندو، ائين تي نہ سگهندو.

ڦهاري شڪاري جي ٻچڙي پچاڙي،
بخاري، چرين کي چتائي ڇڏيو.
●

www.sindhsalamat.com

# سانگ مِڙيئي ساڳيا

سوچون، پُٽڪا، واڪا.
سانگ مِڙيئي ساڳيا.
دونهان، چٽنگون، شعلا.
سانگ مِڙيئي ساڳيا.

ليڪ، پورهيت هاري،
لاتي پڳ مَت ياري،
پينون، پانا، ڏاتا.
سانگ مِڙيئي ساڳيا.

www.sindhsalamat.com

تاڙي تاڙي ٽڪبين،
ساڙي ساڙي ٽڪبين،
پوتيون، پٽڪا، جهنڊا.
سانگ مِڙيئي ساڳيا.

بحث سَهڻ تي ناهي،
لفظ هٽڻ تي آهي،
قول هٽڻ يا ڦٽڪا.
سانگ مِڙيئي ساڳيا.

ڪجهن سورج ڪرڻا،
چمڪن چُنجها تارا،
اڌرن انڌا چمڙا.
سانگ مِڙيئي ساڳيا.

جهيرون جهيرون جهوپا،
چٽڙيون چٽڙيون چنولا،
پرزا پرزا پردا،
سانگ مِڙيئي ساڳيا.

www.sindhsalamat.com

منهنجي ڪک ۾ تاندا،
وتجن تنهنجا آندا،
پڙڪن لکها ياندا.
سانگ مِڙيئي ساڳيا.

’ات ات‘ تنهنجا تيڙو،
’وٺ وٺ‘ هِن جون وايون،
”ڪَت ڪت“ منهنجا قطعا.
سانگ مِڙيئي ساڳيا.

●

www.sindhsalamat.com

پل پل جي پوڪار، الا او،
لوءِ لوءِ جي للڪار الا او،
ڪير ڪنائي!
ڪير ڪنائي، مهل ملهائي!

ڪارونجهر ڪي ڪالهوڪاري،
هاڙهي جي هونگار الا او،
ڪير ڪنائي!

مانگر پنهنجا مور ڳهي پيو،
ڪنڌيءَ جي ڪوڪار، الا او،
ڪير ڪنائي!

www.sindhsalamat.com

پهڻ پاسي، پاڻيءَ پاسي،
سونهن ڪري سهڪار، الا او،
ڪير ڪنائي!

عاشق ۽ معشوق مٿان ٿا،
پئونڪن ڪَهُرا ڪار، الا او،
ڪير ڪنائي!

اوتر ٿا اُستاد اتاريون،
ڪيرايون پرمار، الا او،
ڪير ڪنائي!

●

www.sindhsalamat.com

جوڀ ٽنئي جو ٽيٽو آ، توکي مونکي مِلٽو آ،
ڇا ڀ ٽنئي!

ٽڪٽا ناهيون ٽاٽي ٽاٽي،
اڄ نہ ملياسين، يار سياٽي،
هڪ ٻئي سانگي سڪٽو آ، توکي مونکي مِلٽو آ،
ڇا ڀ ٽنئي!

ڪپڙو ڦاٽو سيتو هوندو،
يار رٺو سو پرتو هوندو،
ساٿ ٽنئي کي سبٽو آ، توکي مونکي مِلٽو آ،
ڇا ڀ ٽنئي!

www.sindhsalamat.com

تيز ڪريون ٿا تدبيرن کي،
ساڻ ڪٽون ٿا تقديرن کي،
ساٿ سمي کي ڏيٽو آ، توکي مونکي مِلٽو آ،
ڇا بہ ٿئي!

لوڏ انڌاري ڪوٺ ڏياري،
ڪاٽ خزان کي پوک بهاري،
جرڪي بخاري جيئٽو آ، توکي مونکي مِلٽو آ،
ڇا بہ ٿئي!

●

www.sindhsalamat.com

آءُ پيـــار ڪـــريـــون!
آءُ پيـــار ڪـــريـــون!

دنيا دلدل جهڙي آ،
محفل جهڙو پيار ڪريون،
عمر گهڙي پل جيڏي آ،
جڳ جڳ جيڏو پيار ڪريون.
آءُ پيار ڪريون!

بازر ۾ تا بست لڳن،
ياڪر، بوسا بند نہ ڪر،
ڪاري ڏن تي انڌ وڙهن،
دل جا ڏنڊا بند نہ ڪر،
آءُ پيار ڪريون!

www.sindhsalamat.com

واند ملئي تا راند ڪريون،
تيز تواني محبت لئہ،
ويريءَ سان ويڙهاند ڪريون،
سا بہ تہ ماني محبت لئہ.
آءُ پيار ڪريون!

ڪاري واري رڻ ۾ رُڃَ،
سهڪي ڪا پئي پيار ڪري،
اوتر، لهرون ڪڙڪڙ ڪُنَ،
ڪُوڪِي ڪا پئي پيار ڪري.
آءُ پيار ڪريون!

ڇاٻہ ٿئي ۽ ڇا بہ هجي،
هي پل بلڪل پيار جو آ،
هي وجهہ تو استاد سجهي،
هاڻ مليو ٻُل پيار جو آ.
آءُ پيار ڪريون!

●

www.sindhsalamat.com

بازارن ۾ عشق ڪُنو ٿي،
ديوارن ۾ حسن لچو ٿي.
شاعر تو چو ڪجهہ نہ ڪچو ٿي.

ڏاڍو ڳابو موج مزن ۾،
جيئو جيئڻ ڏيو، ڪوٽ ڪڙن ۾،
جوش چڙهيو ٿي، هوش هُشو ٿي.
شاعر تو چو ڪجهہ نہ ڪچو ٿي.

www.sindhsalamat.com

ناحق، حق تي ٺوڪ ڪئي ٿي،
ڪوڙي، پڪ تي ٺوڪ ڪئي ٿي،
ٻاٽ اندي ڪان نُور مُنو ٿي.
شاعر تو چو ڪجهہ نہ ڪچو ٿي.

او جابر، مجبور بہ ماڻهو،
او ظالم، مظلوم بہ ماڻهو،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي تہ مچو ٿي.
شاعر تو چو ڪجهہ نہ ڪچو ٿي.

ڪجهہ بہ ٿئي استاد بخاري،
جنگ ستم سان رهندي جاري،
روز ارادو عزم اُڏو ٿي.
شاعر تو چو ڪجهہ نہ ڪچو ٿي.

●

www.sindhsalamat.com

ڪنهنڪي ڏيون مياروں، ڪنهنجون ڪيون پچارون،
اڪ آ سا آنسو – آنسو، دل آ سا ڏارون – ڏارون.

سانجهي لڙي تہ سورج جو حوصلو هجني ويو،
پنهنجو رفيق پاڇو اوندهہ ڏسي پجي ويو،
نغما مِٺا لِڪي ويا، باقي بچيون پڪارون.

جنهن بن ۾ تنهنجي جهولي، تنهن بن ۾ روز هولي،
هر لات، گيت، لاڏو، ٽيو ڏار پينگهہ، ڏولي،
جي پر ۾ ناهين جاني، پڙ پانگ ٽيون بزارون.

www.sindhsalamat.com

مهراڻ جو نظارو محبوب موج مستي،
سنسار سمنڊ جي آ هر لهر لهر لستي،
چو پو ٻه چولي چولي تي پئي آ اوچنگارون.

هڪڙي نهار تنهنجي منهنجون هزار عيدون،
اڀريا ڪئي اجالا، اڏريون سوين اميدون،
هيئان ڪنول قطارون، ڪونجون مٿان قطارون.

ويري ٻُريون وبائون، گذري ضرور وينديون،
هِن پونءِ تان بخاري وکري ضرور وينديون،
ٻي ٻي وتيون هوائون، ٿي ٻي سٿيون بهارون.

●

www.sindhsalamat.com

ڪو موسيٰ ڪو هوچي، ڪو مائو اچي،
اچي ڪو، اچي ڪو، اچي ڪو اچي!

اڏيو گهر، چڻيو ٻج، هٽو باغ ۾،
انهيءَ ڪان اڳيئي وڃون ڪو ونگي،
ونگي ڪو، ونگي ڪو، ونگي ڪو ونگي!

وسي پيو لڳاتار ڪلهه کان ڳڙو،
پٽي پاڙ جُهڙ جي ڪو اوتر اتي،
اتي ڪو، اتي ڪو، اتي ڪو اتي!

www.sindhsalamat.com

چِتو وقت چو تيو وڏئين شهر ڪائي،
اهو ڪو تہ گندي هوا ڪان پڇي،
پڇي ڪو، پڇي ڪو، پڇي ڪو پڇي!

بخاري تون ڪيڏو وڏو تو سڏين،
نہ ڏرتي ٻڏي تي نہ اپ تو ٻڏي،
ٻڏي ڪو، ٻڏي ڪو، ٻڏي ڪو ٻڏي!

●

www.sindhsalamat.com

پنهنجي منزل تڪجي پوندي، پنتي هٿندي هٽندي،
هيءَ محبوبا ماٺينداسين، اڳتي وڌندي وڌندي.

پَٽڪو پٽڪو مشعل - مشعل، پوتي پوتي جوت،
اونده تي وئي اونداهيءَ ڪان پيرين پوندي پوندي.

واٽون ور ور ونگ هٽن تيون ڪاريهر تي ڏنگ،
تن جون چوٽيون چٽبيون هلبيونْ وک وک رکندي رکندي.

گڏجي سڏجي اڏبي جيڪا جُڙندي ڪيڏي قوم،
سنڌو بٽبي آهي واهڙ، واهيون وهندي وهندي.

چنبو چنبو تيشو، ماٺهو ماٺهو ڏونگر - ڏار،
مات مجيندا هاڻ بخاري ڏونگر ڏڪندي ڏڪندي.

www.sindhsalamat.com

دل شڪستو نہ ٿي!
دل شڪستو نہ ٿي!
دل شڪستو نہ ٿي!

او اٿل آدمي ڪن جهڳن ڪان وٺي!
آنڌ سان ڏُنڌ سان پَنڌ سان مُنهن ڏئي،
آءُ سمجهان پئي،
تون پيو آن ٿڪي؛
دل شڪستو نہ ٿي!

توڙي گذريون صديون تہ بہ اميدون رکيون،
آءُ تو ۾ وڃهيو وينئي آهيان اکيون،
آءُ اوري مِلون،
ماڻ؛ مونکي وَڏي!
دل شڪستو نہ ٿي!

www.sindhsalamat.com

ڪنهن ڏِنو تنئي ڏِڪو يا لڙي آن لِڪو؟
ڏي نہ ماڻهو مِٺا ماڻهپي ڪي ٽڪو!
ڇو ڪِلين تو ڦِڪو،
ڇو لڳين تو لڄي؟
دل شڪستو نہ ٿي!

ڪا گهڙي دم پٽي، سگهہ ساري سَڏي،
پير پختا ڪري، ڏند ڪرٽي، تڏي،
اُٿ مٿي اٿ مٿي!
پونءِ تي پَرُ رکي،
دل شڪستو نہ ٿي!

پانءِ راڻا پلي مونکي مومل کٽي،
مان ميان تي پئي ڪاڪ اوکي گهٽي،
ڇو تو ڳٽيون ڳٽي،
عاشقيءَ ۾ اچي،
دل شڪستو نہ ٿي!

ڏانگ، ڦيڙي تہ ڏس، نانگ نوڙي اٿئي،
پير، پوڙي تہ ڏس، باهہ پاڻي اٿئي،
ڪنڌ، پڪڙي تہ ڏس،
شينهن، ٻڪري آٿِي،
دل شڪستو نہ ٿي!

●

www.sindhsalamat.com

ارمان نہ ڪر، ارمان نہ ڪر!
جي ڪرڻو ٿئي ڪجهہ ڪر بہ ڪٿي،
ايڏو تہ وڏو ارمان نہ ڪر.
ارمان نہ ڪر...

دل شهر آهي شمشان نہ ڪر،
سَنسار آهي سُنسان نہ ڪر،
دل سرتي آ،
دل ڌرتي آ،
دل هستي آ دل بستي آ،
هِن وستيءَ کي ويران نہ ڪر!
ارمان نہ ڪر...

www.sindhsalamat.com

چو ڳيرو اوڳو ڏسجين ٿو؟
مايوس ۽ موڳو ڏسجين ٿو،
ويڳاڻو ٿي،
غم هاڻو ٿي،
ڪنهن غفلت ۾ غيباڻو ٿي،
گگدامن جان گذران نہ ڪر!
ارمان نہ ڪر...

جو تو وٽ شوق، شعور آهي،
سو قوم سڄي جو نور آهي،
تون واٽ آهين،
تون ٻاٽ آهين،
تون سوپارو سوسات آهين،
تون اونداهو ايمان نہ ڪر.
ارمان نہ ڪر...

ڪا جوت جڳائي جيئڻو ٿئي،
هي ماڳ ملهائي جيئڻو ٿئي.
هِن گهر لئہ پر،
هن تر لئہ پر،
ڪنهن ميڻ بتيءَ تي مفت نہ مر،
ري ڏرتي ڏاڙيو ڏيان نہ ڪر.
ارمان نہ ڪر...

www.sindhsalamat.com

جو تنهنجو ٽول، هِتان جو آهي،
هر پل ۽ پول، هتان جو آهي،
جو رت اٿئي،
جو ست اٿئي،
جو جوش اٿئي جو هوش اٿئي،
ڪنهن ٻئي جي مٿان قربان نہ ڪر.
ارمان نہ ڪر...

www.sindhsalamat.com

ڻُڏندي ڻَڏندي، سچ جي ٻيڙي پار اڪاري وڃهندي آ،
ڇُلندي ڇِلندي اڳتي ڇولي، تار مان تاري وڃهندي آ.

ڏَرندي ڏِرندي رات سِتم جي سِجُ اڀاري وڃهندي آ،
ڌُڪندي ڌڪندي سَر جي تيلي، ٻيلا ٻاري وڃهندي آ.

ٻَرندي ٻرندي آڪ جي ڪاٺي، لوهه پڳهاري وڃهندي آ،
ڇهندي ڇِهندي سنهڙي ڇيٽي، ڏونگر ڏاري وڃهندي آ.

عزم اٽل استاد مسلسل، اڻ ٽيٽي تي پوندي آ،
وڃندي وڃندي جهانجهه جيئڻ جي جُوءِ جياري وڃهندي آ.

●

ڪڪرن ۾ ڪڙڪات، هارِي، هَرَ سنڀاريو!
ڪڪرن ۾ ڪڙڪات، هارِي، هَرَ سنڀاريو!

ڪوهن ۾ ڪوڪار ڪڏوڪو، ٽڪرن ۾ ٽڙڪات،
هاري، هر سنڀاريو!

ڪارونجهر ڪان ڪارا ڪورم، چوڏاري چمڪات،
هاري، هر سنڀاريو!

www.sindhsalamat.com

روئن ڏيھہ - ڏڪاريا ڏاڍا، روھن ۾ رانيات،
هاري، هر سنياريو!

واهيون واهڙ ڳڙ ڳڙ ڳڙ، ووڙن ساگر - واٽَ،
هاري، هر سنياريو!

وڄّ وراڪا، ڏسجن ڏاڪا، لڪّ پسائي لاٽ،
هاري، هر سنياريو!

ورسارا وسڪار بخاري، پلٽي پرجن پاٽ،
هاري، هر سنياريو!

●

www.sindhsalamat.com

# حوصلو حوصلو

انڌ - اونداهه آ،
گند - گجگاهه آ،
ڌوڌ - درياهه آ،
سِير سختي سڌي،
موت، تڙ تي تڪي،
اڄ جي سهڻي بچي،
معجزو معجزو!

سوچ ٻِن سُڃّ آ،
رِتّ ري رڃّ آ،
اڄ ئــي اڄ آ،

www.sindhsalamat.com

پاڻ بنجي ڪکر،
پاڻ پلٽي پلر،
ريججي جهنگ، جهر-
دوستو دوستو!

رهبري؟ رهزني؟
دوستي؟ دشمني؟
ايتري بدظني!

جو بہ اڳتي ٿيئي،
ڪنڌ، ڪنڌي ڪپي،
هر قدم تي ڪپي،
حوصلو حوصلو!

ٻاٽ ڪٽندي وڃي،
واڍ ٽٽندي وڃي،
جند ڇٽندي وڃي،
انقلاب آڻجي!
نئون ڪو باب آڻجي!
بي حجاب آڻجي،
سوجهرو، - سوجهرو!

●

www.sindhsalamat.com

اسين اڏ - ڏاوا، اوهين وڏ - ڏاوا،
اسين ڦتڪون ٿا اوهين ڦاٿو ٿا.

ڪٿ پينگهي پاليل آنگ آپل،
ڪٿ تڙڪي تاتيل جُنگ جبل،
اسين باهہ - ٻَنا، اوهين نازڪڙا،
اسين تڙپون ٿا، اوهين تپجو ٿا.

اسين رِيءَ سنيال ڪروڙن ۾،
اوهين پهرن هيٺ بہ خطرن ۾،
اسين ٿوهہ ڪڙا، اوهين ڳس - ڳدرا،
اسين پڪڙون ٿا، اوهين پڄو ٿا.

اسين بيٺا آهيون لوهہ لڳا،
اوهان ڪوهہ پري تہ بہ چرڪو ٿا،
اسين سَچُ - عَصا، اوهين ڪَچَ - ڪاوا،
اسين ٺڪرون ٿا، اوهان ٺِڙڪو ٿا.

•

www.sindhsalamat.com

نہ ڏاتا، هتوڙا نہ گھوبا تو ناهين،
نہ واتون نہ لاتون نہ واڪا تو ناهين،
هجئي حيف استادَ قَطعا تو ناهين!

نہ سُنبا نہ رَندا نہ رَنبا تو ناهين،
نہ چيٽيون نہ ٽيڪم نہ تيشا تو ناهين،
نہ ٻڙچون نہ نيزا نہ پالا تو ناهين،
هجئي حيف استادَ قَطعا تو ناهين!

www.sindhsalamat.com

نہ خاڪا نہ ليڪا نہ نقشا تو ناهين،
نہ اجرڪ نہ پٽڪا نہ سندرا تو ناهين،
نہ ڪوپا نہ ڪونڊر نہ دودا تو ناهين،
هجئي حيف استادَ قَطعا تو ناهين!

نہ سوچون نہ سعيا نہ ساڃا تو ناهين،
نہ توليون نہ تولا نہ ڳولا تو ناهين،
نہ اٿ اٿ نہ آ آ نہ ناٺا تو ناهين،
هجئي حيف استادَ قَطعا تو ناهين!

●

www.sindhsalamat.com

ڪيئن ويهون ڪاري ٻاٽَ ڪري،
ڪا آٿَ ڪري.

ڪو رولو رهزن راڄن جو،
ٿو ويڙهي وچ مان واٽ ڪري، هٿ ناٿ ڪري،
ڪيئن ويهون ڪاري ٻاٽَ ڪري...

ڪو ٻهريون ٻهڙو ڏوٻيءَ جو،
گهر، پاڙا سمجهي گهاٽ ڪري، ڪُوڪاٽ ڪري،
ڪيئن ويهون ڪاري ٻاٽَ ڪري...

www.sindhsalamat.com

ڪو پنڪيل بادل واءُ پريل،
هِن ڌرتيءَ تي دڙباٽ ڪري، دونهاٽ ڪري،
ڪيئن ويهون ڪاري ٻاٽَ ڪري...

جي سوڙهيون گهوگهيون سنڌوءَ سان،
ڳالهائن اوچا ڳاٽ ڪري، گڙگاٽ ڪري،
ڪيئن ويهون ڪاري ٻاٽَ ڪري...

جي جت ڪٿ جاڳي جوت پوي،
ٿر، لاڙ، سرو، وچ لاٽ ڪري، چمڪاٽ ڪري،
ڪيئن ويهون ڪاري ٻاٽَ ڪري...

●

www.sindhsalamat.com

حال هتو آ،
ذينهن تتو آ،
ڇا ٿيٺو آ سو بہ پتو آ،
ميڙ متو آ،
رنگ رتو آ،
وقت اِهو آ.
مچو نہ مچون!

ڏاتا ڇيڙي، پانا ڇيڙي،
پيٺ گذر جا گانا ڇيڙي،
ڇيٽيون ڇيڙي،
تيشا ڇيڙي،
وقت اِهو آ.
وڃو نہ وڃون!

www.sindhsalamat.com

رَتّ بہ آهي سَتّ بہ آهي،
ڏات، ڏيا ۽ ڏَتّ بہ آهي،
مَتِ بہ آهي،
ڳَتِ بہ آهي،
وقت اِهو آ.
لِکون تہ لکون.

سَنڌو آهي سيڙهو آهي،
حق، ناحق جو جهيڙو آهي،
وڙهڻو آهي،
کٽڻو آهي،
وقت اِهو آ.
وڙهو تہ وڙهون!

●

www.sindhsalamat.com

ڌرتي پنهنجي ڌوڙ سڃاتي،
آءٌ تہ اهڙو ناهيان.
ٻائرُ ٻيڻر ٻانئن ٻاتي،
آءٌ تہ اهڙو ناهيان.

آءٌ آوارو نئن جو پاڻي،
منڇر سانَ گڏ سنڌو سياڻي،
ٻالَ ٻلائي ٻاڪي پاتي،
آءٌ تہ اهڙو ناهيان.

www.sindhsalamat.com

تابڙجي جي ٽِڙندو آهيان،
پونءِ پليءَ تي ڪرندو آهيان،
مونکي چائي لائي ڇاتي.
آءٌ تہ اهڙو ناهيان.

وڪ وڪ پڪڙيون منهنجون وايون،
ڳاڙهن ڳيرن ڳولي ڳايون،
سوچون سوليون، ٻولي ٻاتي،
آءٌ تہ اهڙو ناهيان.

ماتا پنهنجو ماڳ ملهايو،
ڪارايو، پارايو، ڊايو،
جڏڙي جندڙي سنڌڙي تاتي.
آءٌ تہ اهڙو ناهيان.

ماڙا ماڙا مڙس مري ويا،
ڳاڙها ڳاڙها ماس ڳري ويا،
بخشي مونکي پونءِ حياتي.
آءٌ تہ اهڙو ناهيان.

www.sindhsalamat.com

ڏيل ۾ ايڏي ڏات نہ آهي،
بوتي ۾ ڪا بات نہ آهي،
جهاتگين جِيءَ ۾ پاتي جهاتي،
آءٌ تہ اهڙو ناهيان.

جيئري جيءَ جا چاهہ چميائين،
ساهَہ پچاڻان آهَ چميائين،
آيل أر لئہ ايڏي آتي!
آءٌ تہ اهڙو ناهيان.

●

www.sindhsalamat.com

# اُٺن وارا ڳلي سان

مهينو پوهہ، پوئين رات، ڪڙڪن ٿهر جا پارا،
اُٺن وارا...
ڳلـي سـان گيـت ڳائيـنـدا وجـن پـيارا،
اُٺن وارا...

اُلا آڪاڙ، منجهند ٿاڪ، نڪرن ڪانءَ جا تارا،
اُٺن وارا...

سُمهڻي سَرءَ جي، گهرگهات تي ڇانيا ڪنڪر ڪارا،
اُٺن وارا...

www.sindhsalamat.com

بکارا پيٽ پاتا، وات ۾ پڳڙا ڦڪا، ڪارا،
اُٺن وارا...

گپون، اونداهه، واٽون ور وڪڙ، تَر ترڪٽا چارا،
اُٺن وارا...

هَڙُن ۾ ڳُڙ، اٽو، چانور، سڳيون، چوڙيون وَڪز پيارا،
اُٺن وارا...
گلي سان گيت ڳائيندا،
وڃن پيارا...

ترڪن، ترين جي ڏور آهي، تهي ويا چندي ڏي چارا،
اُٺن وارا...

گلي سان گيت ڳائيندا هلو پر ڪجهه ته سوچيندا هلو پيارا.

اوهانجا آئنترا چهرا چئو پاسن تا روئٺهارا،
اُٺن وارا...

اوهانجا انگ، رنگ ۽ ڍنگ ڪنجي تي ويا ڪارا،
اُٺن وارا...

اوهان جي جهوپڙين تي چؤطرف چوماڙ جا جهارا،
اُٺن وارا...

www.sindhsalamat.com

ڏُکيا، ڏُٻرا، گرا، گدلا اوهان جا ٻار ويچارا،
اُٺن وارا...

جڳُن کان مار کائيندا اچو، هاڻي نہ ٿيو مارا،
اُٺن وارا...
گــلــي ســان گــيــت ڳــائيــنــدا هــلــو پــر،
کــجــهہ تــہ ســوچــيــنــدا هــلــو پــيــارا،
اُٺن وارا...

●

www.sindhsalamat.com

تحرير کي ترار بڻايون بچي پئون،
ڪوڪار مان ڪٽار بڻايون بچي پئون.

هِن جُوءِ لئه هزار اتي جانباز پيا،
هڪ هڪ منجهان هزار بڻايون بچي پئون.

غدّار پنهنجا دوست ٿين، ٿڪ هٽي ڇڏيون،
جهونجهار پنهنجا يار بڻايون بچي پئون.

www.sindhsalamat.com

پرمار لاءِ هار ڪنيون ٿا وتون، شرم،
حقدار لاءِ هار بنايون بچي پئون.

ماري وجهن ٿيون يار مسلسل مُنافقيون،
جي فيصلا سچّار بنايون بچي پئون.

بندوق ۽ ڪتاب مٿان دسترس هجي،
هوشيار پنهنجا ٻار بنايون بچي پئون.

جيڏا نہ گيت، بيت بخاري گهڙيون ٿا پيا،
ايڏا اتي هٿيار بنايون بچي پئون.

●

www.sindhsalamat.com

ماٺـهـو مهـٽـيـهاب او ٻـابـا،
ماٺهو مهٽيهاب.

محبت آب حياتي وتي ٿو،
تـاڙيـنـدو تـيـزاب او بابا،
ماٺهو مهٽيهاب.

وڪ وڪ اڏرن قرب ڪـبوتر،
اک اک آهي عقاب او بابا،
ماٺهو مهٽيهاب.

www.sindhsalamat.com

جيئندي، اڏندي، ٻوليندي ڪي،
ڪير ڪري ٿو ڪباب او بابا،
ماٺهو مهٽيهاب.

خير بہ رب ڪان شِرّ بہ رب ڪان،
سڀ ڪجهہ پو تہ ثواب او بابا،
ماٺهو مهٽيهاب.

جيئو جيئڻ ڏيو، پيئو، پيئڻ ڏيو،
نڪتو هي ناياب او بابا،
ماٺهو مهٽيهاب.

هي جو سامهون سمنڊ بخاري،
هوندو هي بہ حباب او بابا،
ماٺهو مهٽيهاب.

●

www.sindhsalamat.com

ناد وڄن پيا، گھر گھر گھوگھو،
ڪوٽ ڪِرن پيا، ٻُڌ هُو ڏُو ڏُو،
ناد وڄن پيا...

وڻ وڻ ڇا پر وقت وڄن پيا،
نِڪرن وانگر ڪنگرا نهڪن،
تسرُين وانگر تخت وڄن پيا.
ناد وڄن پيا...

ڏونگر ڏسجن واريءَ ٻورا،
ڦهرن لاءِ قيامت ٿي وئي،
لوها ٻتنپ ڪپهه جا ڦورا،
ناد وڄن پيا...

www.sindhsalamat.com

مزدورن جو ڪاڄ مچي پيو،
ماڻهو سمنڊ ته لهرون جهندا،
اوتر اتليو راڄ اچي پيو،
ناد وڄن پيا...

پورهيت سان پر مار لڙي چڻ،
مستقبل سان ماضي ڊوڙي،
ڏاتر سان ڌهڪار لڙي چڻ،
ناد وڄن پيا...

تيشا ۽ چنجور اٿي پيا،
اٿتر ٿي استاد بخاري،
مظلوم ۽ مزدور اٿي پيا،
ناد وڄن پيا...

●

www.sindhsalamat.com

سڳو تہ ناهي سنگهر بہ ناهي، چنان هي ناتو چني نہ سگهندس،
سرير تان ڪل لهي نہ سگهندي، بدن منجهان دل ڪڍي نہ سگهندس.

رقيب ڪي بي سهي سگهان ٿو، لُڇان ٿو پيو پر ڇڄي نہ وڃ تون،
زهر جو ڍُوڙهو ڍُڪهي سگهان ٿو مگر وڇوڙو سهي نہ سگهندس.

رسيم سرتي سڏينم سامي، ڏڪيم ڏرتي تہ ڀو ڪريان ڇا،
حبيب توکان ڇڄي سگهان ٿو زمين کان مان ڇڄي نہ سگهندس.

وري وري چو ڪرين ٿي پارت، غيّور ٿج تي يقين رک تون،
ترار ڪنهنجي سهي سگهان ٿو ميار تنهنجي سهي نہ سگهندس.

www.sindhsalamat.com

لذيذ کاڌا، حسين حورون، زرين ماڙيون مگر خدايا،
اُتي بہ ڪنهنجو غلام بنجي گهڙي بہ هڪڙي رهي نہ سگهندس.

سمونڊ جو مان بخار ناهيان، ڪڪر ڀَلوَ ۾ چڙهن چپائي،
اديب اک جو اڀار آهيان، سُڪي وڃان تہ بہ لِڪي نہ سگهندس.

ڪڪر زمين تي جمي نہ سگهندا، تڪر هوا ۾ اڏي نہ سگهندا،
قهار تنهنجي ڪلور سامهون ڪُسِي سگهان ٿو جُهڪي نہ سگهندس.

پکن گهڙن کي ڪنا نہ پوندا، ببر خبر ٿئي ڇبر نہ چرندا،
قلم کپائي رقم سهيڙيان، اهو سبق مان سکي نہ سگهندس.

مڃان ٿو جڳ جڳ جيئڻ گهران ٿو، تڏهن تہ تَرَ لئہ ملهي مران ٿو،
بغير جِيوَن بہ جِي سگهان ٿو، مگر وطن ريءَ تہ جي نہ سگهندس.

ڪنوڻ نہ ڪڙڪي زمين نہ لرزي، خدا نہ روڪي انهن جي مرضي،
جتي ستم ٿئي اتي بخاري جهلڻ پلڻ کان رهي نہ سگهندس.

●

www.sindhsalamat.com

مجبور تو روئان، رڙان،
دل تي چوي ڳايان نچان.
دل تي چوي،
دل تي چوي،
دل تي چوي... ڳايان نچان.

هي محفلون هي مشڪلون،
او عشق اڻ تُڻ ۾ اڙان،
دل تي چوي،..

جيڏو ڳُهري ايڏو ڳهران،
جيڏو اڙي ايڏو اڙان،
دل تي چوي،..

www.sindhsalamat.com

هر حسن جي حق لئہ لڙان،
پنهنجي هڙان پنهنجي وڙان،
دل تي چوي،..

ڪنهن تياس تي ٽنگجوم پر،
چوڏول تي اڳ ۾ چڙهان،
دل تي چوي،..

ٻاريوم ڪاري ٻات ۾،
ڪنهن سوجهري ڪارڻ سڙان،
دل تي چوي،..

ڳڻ ڳوت جا پرجن تلاءَ،
ڳوڙها ڳهان، ڳالهيون ڳڙان،
دل تي چوي،..

استاد مان شاگرد تي،
دِليون پڙهان، ديدون لڪان.
دل تي چوي،..

●

www.sindhsalamat.com

خريدارو، وڃو موتي، خدا جو سنهن ڪتل آهيان،
ڇمڻ ڪان موت تائين، سنڌ – ڌرتيءَ جو وَتل آهيان.

جي اورين تو تہ مان همغم، جي روئين تو تہ مان ماتم،
جيءِ ماپين تو تہ مان پربَت، جُهڪائين تو جبل آهيان.

اجل منهنجي پنيان، تقدير سرَ تي، ربّ رڳ رڳ ۾،
اٽل جيڪي بہ آهن مون سان آهن مان اٽل آهيان.

خليل الله تو بنجين، گواهہ الله تو ڏين، پر،
اِنهيءَ ڪاتي انهيءَ هٿ کان تہ ڪٽي پيرا ڪٽل آهيان.

جي تون آڙاهہ مان بادل، جي تون بادل تہ مان اوٺر،
تون جيڪي ٿين ۽ جاتي ٿين، مٿان تنهنجي اجل آهيان.

ازل کان پئي هليو آهيان، بخاري ڪجهہ ٿڪو هوندس،
جهلئي ڪنهنجي رُڪيو ناهيان اڃا ڇٽبو اجهل آهيان.

●

www.sindhsalamat.com

ڪينهن ڪاڳر تانَ،
ناهن وايون نانَ،
ننگا ڍونگا روبرو،
بکيا پونگا روبرو،
کهڙا ڏاڻ ڏيانِ!

پڙڪائيندي پونءِ ڪي،
باغي تنهنجي تان.

پيلائين تو پونءِ ڪي،
بکن ڪان اڳوان.

ڪاتيو واتون پيٽ جون،
داتا آچيو دان.

www.sindhsalamat.com

تڙ تي تاسا ساسڙي،
پَسون ٿي پستان.

در در پردا ريشمي،
عضوا اڌ عريان.

جهومن جهندا ريشمي،
اڳيان عاليشان.

توهر ٿوهر هٿ ۾،
ڪندا ڦهري ڪان.

تتي رِيتيءَ وات تي،
اولانبيون اعلان.

اٿاريا استاد تو،
تاريخي طوفان.
ننگا ڊونگا روبرو،
بکيا پونگا روبرو،
ڪهڙا ڏاڻ ڏيانِ!

•

www.sindhsalamat.com

ڳهڙ ڳهر برفَ جمي وئي آهي، در در ديپڪ ڳايان ٿو مان،
دڳ دڳ اوندهہ اوتي پئي آ، پڳ پڳ جوت جڳايان ٿو مان.

اٿ ڀونچال، جوالا نچ تون، باغي ڀونءِ جمالو چوندي،
اوتر ٿو آلاپ اتاريان، چوليون چيرون پايان ٿو مان.

دهشت گردي دَور سڪي آ، حڪمت عملي مون بہ متي آ،
دانهن ٻلي ڏي دور ڪي ڦٽڪي، گهنگهر توکي گهايان ٿو مان.

جيئو، جيئڻ ڏيو، ڏاڍو، ڳايو، جهيڙو جوٽي بينا آهن،
وچ ۾ آءِ رتوچاڻ آهيان، چاجي لاءِ چڙايان ٿو مان.

صديون ڪنڌ ڪٽايا اٿئون، سهسين سَنڌ وڍايا اٿئون،
هڪڙو پيرو ڳڏجو لوڪو، ڦهري ڪات ڪٽايان ٿو مان.

ڪارا ڪپڙا، ڳاڙها جهنڊا، ساوا ڪيت، سنهري ڪرٽا،
سنڌو توکي سينگارڻ لئہ، طرحين رنگ رچايان ٿومان.

خير تہ راڳي، ظلم تہ باغي، قرب تہ ٻڪرو، ڦهر تہ ڪات،
جرڪي جيئڻ ڪاڻ بخاري، ڪيڏا روپ مٽايان ٿو مان.

●

www.sindhsalamat.com

تنهنجي سر لئہ دريا، دودو تي تو مان هر هر ڇمان،
ڇو تي گهبرائين امان!

ٻن ڪروڙن ڪونڌرن جي ماءُ آن جيئين سدا،
تنهنجا هوشو حُرَ هزارين، تنهنجو هوشو هڪ نہ مان.
ڇو تي گهبرائين امان!

هي تہ ڏس وک وک تي چوڪيدار ڏهہ ڏهہ نوجوان،
سومرا، چانديا سپاهي، سورما ڪوسا، سمان،
ڇو تي گهبرائين امان!

تنهنجي پورب چا سڄي پڇم لکي تاريخ آ،
تنهنجي ذرتيءَ کان وني آ، آسمان تائين ذمان.
ڇو تي گهبرائين امان!

عرش جي پاڇي کان جيڪي تنهنجو پاسو آ مٿو،
تنهنجي پاڻيءَ تي نہ متبو توڙي ملندو زمزمان.
ڇو تي گهبرائين امان!

هي دعا، دعوي، عقيدو، فيصلو استاد آ،
سچ زندهہ، سچّ زندهہ، سنڌ زندهہ دائمان.
ڇو تي گهبرائين امان!

www.sindhsalamat.com

رنو گهٽو تہ، لڇيو گهٽو تہ سنو گهٽو تہ زبان جاني،
سمونڊ منهنجو گواهہ ٿيندو زمين ڏيندي بيان جاني.

جلي جلي تو ڪيان اجالو، لُڇي لُڇي تو چوان جمالو،
ڪلي پُڇين تو تہ ڪينئن هلان تو جيئن هلي تو جهانَ جاني.

عظيم آهين جمال وانگر، حسين سهڻي خيال وانگر،
تڏهن تہ تنهنجو جمالو جلوو جڏهن ڪڏهن آ جوان جاني.

تتيءَ تڏيءَ ۾ ڏُکي بخاري، سڄي حياتي لُڇي گذاري،
ٻچي، ٻُڏي کي يقين ٿي ويو اچا بہ توکي گمان جاني.

●

www.sindhsalamat.com

چوهو چوهو آءُ
چوهو چوهو آءُ
چوهو چوهو آءُ
چوهو چوهو مينهن لهي ٿو، چوهو چوهو واءُ،
عرش گجي پيو، فرش وڄي پيو، نگر نگر گوگاءُ،
چوهو چوهو آءُ

پيارُ اُٿي، پاتار پُڪاريو،
پاپ جُهڪي، پولار پُڪاريو،
پَـــون اِهــو پــڙلاءُ، (1)
چــوهــو چــوهــو آءُ

(1) پَون: هوا.

www.sindhsalamat.com

چيرُن ۾ آ مچريل چم چم،
تڙپنِ تانُون، سهڪن سرگم،
تنـدُنِ ۾ آ تـاءُ،
چوهو چوهو آءُ

صالح، سالم عقل نہ روڪيو،
وِڪ وِڪ دوڪو، وهم نہ پوڪيو،
(2) فڪر ڪَرن ڦهلاءُ،
چوهو چوهو آءُ

سوپيو عزم سنبيرڙو آ،
توکي مونکي نبيرڙو آهي،
شڪ پڪ جو تڪراءُ،
چوهو چوهو آءُ

ٻاريون تا آڙاهہ سگهارا،
ساڙيون تا پرمار انڌارا،
ڏاريون تا ڏهڪاءُ،
چوهو چوهو آءُ

---

(2) ڪَرن: اُتر سنڌ جو لهجو، معنيٰ ”ڪَنِ“.

www.sindhsalamat.com

جبل مٿان ٿي باز اُڏي آ،
جهنگل مان ٿي واٽ ڏُکي آ،
صحرا مان دريا،
چوھو چوھو آءُ

نوحن سان گڏ نظم ڪنيو آ،
ماتم سان گڏ ملم ڪنيو آ،
گهر گهر آهي، گهاءُ.
چوھو چوھو آءُ

ڏَر تي پُهتي آهي بُخاري،
ايندڙ سَن جي تيز سواري،
اُت ڪرِ آڌر ڀاءُ،
چوھو چوھو آءُ

•

www.sindhsalamat.com

ڪانئي پيو جاڳائي پيو

استاد بخاري

روشني



**A Roshni Book**

Poetry

Pakistan Rs.120.00

www.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، پاڇوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريک جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوائ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَر جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَر جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄ ڪالهہ جي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڙ ڪي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڙ پڙهڻ ۽ وڏ ڪان وڏ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)